REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اربع 13 مارچ 2024ع بمطابق 02 رمضان المبارڪ 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 288

سنڌ ڪابينا جي 9 وزيرن عهدي جو قسم کڻي ورتو، قلمدان ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن جاري

سنڌ ڪابينا جي حلف برداري تقريب گورنر هائوس ۾ ٿي جتي گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري 9 وزيرن کان حلف ورتو، پيپلزپارٽي جي قيادت سنڌ ڪابينا جي قلمدانن بابت فيصلو ڪري ورتو

اسلام آباد ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي صدارت هيٺ سنڌ ڪابينا جي جوڙجڪ لاءِ مشاورتي اجلاس، اجلاس ۾ صوبائي ڪابينا جي ميمبرن جي نالن جي منظوري ڏني وئي

گورنر هائوس ۾ قسم کڻندڙ وزيرن ۾ شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، سعيد غني، سردار شاهه، غذرا فضل، محمد بخش مهر، ضياءَ لنجار، جام خان شورو ۽ علي حسن زرداري شامل

ناصر شاهه وٽ توانائي، رٿابندي ۽ ترقيات جا کاتا، شرجيل ميمڻ ايڪسائز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ ٽرانسپورٽ جو وزير هوندو، تعليم ۽ معدنيات واري وزارت سردار شاهه وٽ هوندي

جام خان شورو آبپاشي، سعيد غني بلديات ۽ پبلڪ هيلٿ جو وزير هوندو، علي حسن زرداري جيل کاتو، محمد بخش مهر وٽ اينٽي ڪرپشن ۽ راندين واري وزارت جڏهن ته عذرا پيچوهو کي صحت واري وزارت ڏني ويندي

سنڌ ڪابينا ۾ شامل ٿيندڙ ذوالفقار شاهه حلف برداري تقريب ۾ شرڪت لاءِ اسلام آباد مان نه اچي سگهيو، ذوالفقار شاهه اڄ حلف کڻندو، جنهن کان پوءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) گورنر هائوس ۾ سنڌ ڪابينا جي حلف برداري تقريب ٿي جنهن ۾ 9 وزيرن پنهنجي عهدي جو قسم کڻي ورتو سنڌ ڪابينا جي حلف برداري تقريب گورنر هائوس ۾ ٿي جتي گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري 9 وزيرن کان حلف ورتو. قسم کڻندڙ وزيرن ۾ شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، سعيد غني، سردار شاهه، غذرا فضل، محمد بخش مهر، ضياءَ لنجار، جام خان شورو ۽ علي حسن زرداري شامل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري وڏي وزير جي موجودگي ۾ ڪابينا ميمبرن کان حلف وٺندي

اڊيالا جيل جي سڀني قيدين سان ملاقات تي پابندي، عمران خان جي زندگي کي خطرو آهي: بئريسٽر گوهر

سيڪيورٽي خدشن سبب راولپنڊي جي اڊيالا جيل، ميانوالي، اٽڪ ۽ ڊي آءِ خان جيل جي انتظاميا کي سخت حفاظتي انتظام ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن: پنجاب جو گهرو کاتو

جيلن جي سيڪيورٽي سخت ڪئي وڃي ۽ جيل ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي چيڪنگ ڪئي وڃي، ڪنهن به قيدي جي ملاقات تي ٻن هفتن تائين پابندي هوندي: پڌرائي

پوليس اڊيالا جيل ٻاهران ميڊيا ڪوريج تي به پابندي لڳائي ڇڏي، جيل جي ٻاهران خاردار تارون لڳايون ويون، اندر موجود سمورن ماڻهن جي تلاشي وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي

عمران خان سان ملاقات تي بندش مذمت جوڳو عمل آهي، پابندي کان اڳ سندس گهرڀاتين ۽ وڪلين کي آگاهه ڪرڻ گهرجي ها، عمران خان جي زندگي خطري ۾ آهي: بئريسٽر گوهر

هو عام قيدي نه آهي، هن چيو ته عمران خان کي اهڙي قسم جي پابندين کان ڇوٽ هئڻ گهرجي، اربع جي ڏينهن ملاقات جي اجازت ڏني وڃي، ملاقات کانپوءِ تحريڪ انصاف مستقبل جي حڪمت عملي جو اعلان ڪندي

وڪلين سان گڏ عمران خان سان ملاقات لاءِ جيل پهتا پر ڪين ملاقات جي اجازت نه ڏني وئي، پنجاب جي وزيراعليٰ ۽ پيون اعليٰ اختياريون ان پابنديءَ جون ذميوار آهن: عمر ايوب

راولپنڊي (م ر د) پنجاب حڪومت اڊيالا جيل ۾ قيد پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان سميت سمورن قيدين سان ملاقاتن تي ٻن هفتن لاءِ پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي. پنجاب جي گهرو کاتي طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب، سيڪيورٽي خدشن سبب راولپنڊي جي اڊيالا جيل، ميانوالي، اٽڪ ۽ ڊي آءِ خان جيل جي انتظاميا کي سخت حفاظتي انتظام ڪرڻ جون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

هلندڙ مالي سال ڏکيو ثابت ٿيندو: ناڻي وارو وزير محمد اورنگزيب

پاڪستان جي معاشي چئلينجز کي نظر ۾ رکندي پنهنجي سموري توانائي انهن مسئلن جي حل لاءِ استعمال ڪندس

هلندڙ مالي سال ڏکيو ثابت ٿيندو، پاڪستان جي آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول ڳالهيون هلندڙ هفتي شروع ٿي وينديون

پاڪستان آءِ ايم ايف سان اهم ڳالهين لاءِ جلد رسمي درخواست ڪندو: جاري ڪيل بيان ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (م ر د) وفاقي ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب آءِ ايم ايف پروگرام کي اٽل قرار ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان آءِ ايم ايف سان اهم ڳالهين لاءِ جلد رسمي درخواست ڪندو. ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب پنهنجي بيان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

صدر آصف زرداري ڪراچي پهچي ويو، قائدِاعظم جي مزار تي حاضري

صدر قائدِ اعظم محمد علي جناح جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪئي

صدر جي آمد تي حفاظتي انتظام سخت، سيڪيورٽي سنڌ پوليس جي اسپيشلائز سيڪيورٽي يونٽ انجام ڏني

آصف زرداري اڄ ڪراچي کان لاڙڪاڻي روانو ٿيندو جتي هو ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو جي مزارن تي به حاضري ڀريندو

ڪراچي (رپورٽر) صدر آصف علي زرداري بابائِ قوم قائداعظم محمد علي جناح جي مزار تي حاضري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: صدر آصف علي زرداري قائداعظم جي مزار تي حاضري ڀريندي

نواز شريف جا پٽ حسين نواز ۽ حسن نواز لنڊن کان لاهور پهچي ويا

لاهور (م ر د) ن ليگ جي قائد نواز شريف جا پٽ ۽ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جا ڀائر حسين نواز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

بلومبرگ محمد اورنگزيب جي ناڻي واري وزير طور مقرري کي هاڪاري فيصلو قرار ڏئي ڇڏيو

آءِ ايم ايف جي نئين پروگرام کان پهرين محمد اورنگزيب جي مقرري هاڪاري قدم آهي: آمريڪي معاشي ميگزين

ٽيڪنوڪريٽ جي ناڻي واري وزير طور مقرري ملڪي معاشي چيلينجز کي حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي

سيڙپڪارن جي دلچسپي پاڪستان جي نئين ناڻي واري وزير جي مقرريءَ ۾ هئي، محمد اورنگزيب ضروري سڌارا آڻيندو

واشنگٽن (م ر د) آمريڪي معاشي رسالي بلومبرگ محمد اورنگزيب جي ناڻي واري وزير طور مقرري کي هاڪاري فيصلو قرار ڏئي ڇڏيو. بلومبرگ جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف جي نئين پروگرام کان پهرين محمد اورنگزيب جي مقرري هاڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

لاهور ۾ 30 ماڙ ارفع ڪريم ٽاور 2 سميت آئي ٽي، ايجوڪيشن ۽ فلم سٽي جي تعمير جو اعلان

پنجاب جي وڏي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس، 2 هفتن ۾ شهر جي 10 هنڌن تي مفت وائي فائي منصوبو شروع ڪيو ويندو: مريم نواز

اهي منصوبا جلد شروع ٿيندا جڏهن ته مائيڪروسافٽ، اوريڪل ۽ ٻين وڏين ڪمپنين آئي ٽي سٽي لاءِ رضامندي ظاهر ڪئي آهي: بريفنگ

سڄي دنيا مان بهترين آئي ٽي ڪمپنين کي ڪاروبار جا موقعا فراهم ڪنداسين، شاگردن لاءِ دنيا جي بهترين يونيورسٽين جا ڪيمپس ٺاهينداسين

لاهور (م ر د) پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز لاهور ۾ 30 ماڙ ارفع ڪريم ٽاور ۾ آءِ ٽي، تعليم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

جان محمد مهر قتل ڪيس، گرفتار جوابدارن جي سرڪاري خرچ تي وڪيل ڏيڻ جي درخواست

سکر (م ر د) صحافي جان محمد مهر قتل ڪيس ۾ گرفتار 2 سهولتڪار جوابدارن سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز بازار جي دوري دوران عورتن سان ڳالهائيندي

اسرائيل جا رمضان جي مقدس مهيني ۾ حملا جاري، وڌيڪ 67 فلسطيني شهيد

اتر غزه، خان يونس ۽ رفع ۾ بمباري سبب مشهور فلسطيني فٽبالر محمد برڪت سميت 67 فلسطيني شهيد ٿي ويا: رپورٽ

اتر غزه ۾ شديد غذائي کوٽ سبب وڌيڪ 2 ٻار فوت ٿي ويا، جنهن کان پوءِ غذائي کوٽ سبب شهيد ٻارن جو انگ 27 ٿي ويو

غزه (م ر د) اسرائيل رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني جو به احترام نه ڪيو، غزه ۾ تازن حملن دوران وڌيڪ 67 فلسطيني شهيد ۽ 106 زخمي ٿي پيا. غزه ۾ اسرائيل جا وحشياڻا حملا رمضان جي ڀلاري مهيني ۾ به جاري آهن. اتر غزه، خان يونس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ايندڙ پنجن سالن ۾ ترقي جا بنياد رکيا ويندا، انتشار پکيڙڻ نه ڏنو ويندو: احسن اقبال

سياسي استحڪام کانسواءِ ترقي ممڪن ناهي، چوٿون ڀيرو منصوبابندي جو وزير بڻجڻ منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي

مون جڏهن به هن وزارت ۾ ڪم ڪيو، سياسي عدم استحڪام منصوبن کي نقصان پهچايو، سياسي استحڪام ۽ پاليسين جي تسلسل تائين اسان ترقي نٿا ڪري سگهون

اسلام آباد (م ر د) منصوبابندي، ترقي، سڌارن ۽ خاص قدمن واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته ايندڙ پنجن سالن ۾ پاڪستان کي پائيدار ترقي يافته ملڪ بڻائڻ لاءِ ٺوس قدم کنيا ويندا. ترقي جو بنياد رکيو ويندو، افراتفري کي سياست جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

وزيراعظم مملڪتي وزير شيزه فاطمه خواجه کي مواصلات ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وزارت جو قلمدان ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم محمد شهباز شريف مملڪتي وزير شيزه فاطمه خواجه کي مواصلات ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وزارت جو قلمدان ڏئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: وفاقي وزير خواجا آصف عهدي جي چارج سنڀالي رهيو آهي

ملتان: 3 ماڙ عمارت ڪرڻ سبب هڪئي خاندان جي 7 ڄڻن سميت 9 ڄڻا فوت

ملتان جي اندرون شهر جي علائقي جواديان محلي ۾ رهائشي عمارت صبح جو 4 وڳي زبون حالي سبب ڪري پئي: ڪمشنر

عمارت جو ڪجهه ملبو پاسي ۾ ڪچن گهرن تي ڪريو جنهن جي نتيجي ۾ فوت ٿي ويل ۽ زخمين کي نشتر اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

حادثو ڪچن ۾ گيس ليڪيج سبب پيش آيو. سحري وقت عورت باهه ٻاري ته ڌماڪو ٿيو: ريسڪيو آفيسر

ملتان (م ر د) ملتان جي علائقي حرم گيٽ ڀرسان 3 ماڙ رهائشي عمارت ڪرڻ سبب هڪ ئي خاندان جي 7 ڄڻن سميت 9 ڄڻا دٻجي فوت ٿي ويا، جڏهن ته 2 کي سخت زخمي حالت ۾ ملبي هيٺان ڪڍيو ويو آهي. دٻجي فوت ٿي ويلن ۾ گهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف آءِ ٽي سيڪٽر بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

قرض قسط بابت ڳالهيون، آءِ ايم ايف وفد پاڪستان پهتو

آءِ ايم ايف سان ڳالهين جو سلسلو 14 کان 18 مارچ تائين جاري رهندو

ڳالهيون ڪامياب ٿيڻ جي صورت ۾ قسط جاري ڪرڻ جو فيصلو ٿيندو

اسلام آباد (م ر د) عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) جو وفد پاڪستان پهتو. وفد اسٽينڊ باءِ پروگرام تحت ايندڙ قسط جاري ڪرڻ لاءِ مذاڪرات ڪندو ذريعن موجب، آءِ ايم ايف سان ڳالهين جو سلسلو 14 کان 18 مارچ تائين جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پشاور ۾ پوليس موبائل تي دهشتگردن جي فائرنگ، 2 اهلڪار شهيد

پوليس اهلڪار معمول موجب گشت تي هئا ته دهشتگردن فائرنگ ڪري ڏني

موبائيل انچارج اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر زخمي جڏهن ته ڪانسٽيبل اجمل ۽ سراج شهيد ٿي ويا

پشاور (م ر د) خيبرپختونخوا جي راڄڌاني پشاور ۾ مجني گيٽ جي علائقي ۾ پوليس موبائيل تي دهشتگردن جي حملي ۾ 2 پوليس اهلڪار شهيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

گلگت بلتستان جي اڳوڻي وڏي وزير خالد خورشيد جي ضمانت منظور

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج طاهر عباس سپرا پاران درخواست تي ٻڌڻي

عدالت پنج هزار رپين جي مچلڪن عيوض ضمانت جي درخواست منظور ڪئي

اسلام آباد (م ر د) اسلام آباد جي مقامي عدالت گلگت بلتستان جي اڳوڻي وڏي وزير خالد خورشيد جي چونڊ نتيجن خلاف احتجاج واري ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڳڙهي خدا بخش: پ پ اڳواڻ آصفه ڀٽو زرداري شهيد ماءُ جي قبر تي حاضري ڀريندي

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ شديد ٻاڙائي، 953 پوائنٽن جي گهٽتائي

رمضان المبارڪ جي پهرئين ڏينهن اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جو منفي رجحان رهيو

ڪاروباري ڏينهن ۾ 100 انڊيڪس 1194 پوائنٽس جي بينڊ ۾ رهيو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جو ڏينهن منفي رهيو. 100 انڊيڪس ۾ 953 پوائنٽس جي گهٽتائي ٿي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

محمد اسحاق ڊار باضابطه طور پرڏيهي وزير جو عهدو سنڀالي ورتو

پرڏيهي سيڪريٽري محمد سائرس سجاد قاضي ۽ وزارت جي سينيئر عملدارن استقبال ڪيو

اسلام آباد (م ر د) محمد اسحاق ڊار باضابطه طور پاڪستان جي 39هين پرڏيهي وزير جو عهدو سنڀالي ورتو آهي. پرڏيهي وزير کي پرڏيهي وزارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اڊيالا جيل سپرنٽينڊنٽ خلاف توهينِ عدالت جي درخواست داخل

جهنگ ۾ به ڪو قانون هوندو آهي هتي بدترين حالتون آهن: علامه راجا ناصر

عدالتي حڪم سان اڊيالا جيل وياسين پر پي ٽي آءِ باني سان ملاقات نه ڪرائي وئي

اسلام آباد (م ر د) پي ٽي آءِ باني سان ملاقات نه ڪرائڻ تي سپرنٽينڊنٽ جيل خلاف توهينِ عدالت جي درخواست داخل ڪئي وئي آهي. درخواست ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

نوجوان نسل کي جديد ٽيڪنالاجي جي تربيت فراهم ڪرڻي پوندي: شزا فاطمه خواجا

آءِ ٽي ۽ مصنوعي ذهانت جي طرزِ حڪمرانيءَ ۾ بهتري ۽ شفافيت ممڪن آهي

پاڪستان ترقي يافته ملڪن ۾ ٽيڪنالاجي جي لحاظ کان تمام گهڻو پوئتي آهي

اسلام آباد (م ر د) سائبر سيڪيورٽي ۾ مصنوعي ذهانت (اي آءِ) جي مؤثر ڪردار جي اهميت کي نظر ۾ رکندي شعبي ۾ صلاحيتن ۾ اضافو ممڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

ڀارت جو جنگي جهاز تربيتي اڏام دوران ڪِري تباهه

راجستان جي شهر جيسلمير ويجهو ڀارتي هوائي فوج جو جهاز ڪريو

جهاز ڪِرڻ کان اڳ پائلٽ باحفاظت جهاز مان نڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو

جيسلمير (م ر د) ڀارتي هوائي فوج جو جنگي جهاز "تيجس" تربيتي اڏام دوران ڪِري تباهه ٿي ويو. پرڏيهي ميڊيا موجب، رياست راجستان جي شهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

سينيٽ جي ننڍي چونڊ، جي يو آءِ پاران يوسف رضا گيلاني جي حمايت جو اعلان

اسلام آباد (م ر د) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) سينيٽ جي ننڍي چونڊ ۾ پ پ اڳواڻ يوسف رضا گيلاني جي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو. سينيٽ جي ڇهن خالي سيٽن تي ننڍي چونڊ 14 مارچ تي ٿيندي، سينيٽ جي جن سيٽن تي ننڍي چونڊ ٿيندي انهن ۾ يوسف رضا گيلاني، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اربين ڊالر جي آءِ ٽي روانگي واپار جي صلاحيت مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي لاءِ قدم کنيا ويندا: وزيراعظم

نوجوانن کي آءِ ٽي جي شعبي ۾ تعليم ۽ هنر ۽ اسٽارٽ اپس کي گهربل سهولتون فراهم ڪنداسين

گذريل حڪومت جي دور ۾ آءِ ٽي جي صنعت جي لاءِ جن منصوبن جي شروعات ڪئي انهن جا مثبت نتيجا اچي رهيا آهن

اسٽارٽ اپس، فري لانسرز ۽ آءِ ٽي ڪمپنين جا بئنڪنگ سان لاڳاپيل سمورا مسئلا حل ڪيا ويندا: اجلاس ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم محمد شهباز شريف ملڪي آءِ ٽي روانگي واپار وڌائڻ جي لاءِ ٺوس روڊ ميپ ٺاهڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته ملڪ ۾ اربين ڊالر جي آءِ ٽي روانگي واپار جي صلاحيت مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي لاءِ قدم کنيا ويندا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

علي امين گنڊاپور چيف سيڪريٽري خيبرپختونخواهه کي عهدي تان هٽائڻ لاءِ وفاقي حڪومت کي خط لکي ڇڏيو

وفاقي حڪومت کي لکيل خط ۾ شهاب علي شاهه کي چيف سيڪريٽري خيبرپختونخواهه مقرر ڪرڻ جي به سفارش ڪئي وئي

جيڪڏهن وفاق طرفان ٻڌڻي نه ٿي ته عدالتن جو دروازو به کڙڪايو ويندو: وڏي وزير جي صدارت ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ فيصلو

صوبي جي بقاياڻ ۽ آئيني حقن لاءِ آواز اٿارينداسين، معاملي کي مؤثر انداز ۾ اٿارڻ لاءِ ماهرن جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن: هدايت

پشاور (م ر د) خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور صوبي جي چيف سيڪريٽري کي عهدي تان هٽائڻ لاءِ وفاقي حڪومت کي خط موڪلي ڇڏيو آهي. خط ۾ وڏي وزير علي امين گنڊاپور لکيو آهي، خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اطلاعات واري وزارت جا دروازا صحافي برادري جي لاءِ کليل رهندا: عطاءُ الله تارڙ

ملڪ ۾ مثبت ۽ تعميري صحافت کي فروغ ڏيڻ ۽ حڪومت ۽ ميڊيا جي وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت آهي

حڪومتي قدمن ۽ پاليسين کي عوام تائين پهچائڻ جي لاءِ ميڊيا سان گڏجي ڪم ڪنداسين، ميڊيا عوام ۽ حڪومت جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪري ٿي

اسلام آباد (م ر د) وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت ۾ پنهنجي عهدي جي چارج سنڀالي ورتي. اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت ۾ پنهنجي آفيس اچڻ تي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي سيڪريٽري شاهيره /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

صدر آصف علي زرداري جو پگهار نه وٺڻ جو فيصلو

معاشي چيلينجز کي نظر ۾ رکندي صدر پگهار نه وٺڻ جو فيصلو ڪيو: ايوان صدر

فيصلي جو مقصد ملڪ ۾ دانشمندانه مالياتي انتظامن کي همٿائڻ آهي

اسلام آباد (م ر د) صدر آصف علي زرداري پاران معاشي چئلينجز کي نظر ۾ رکندي پگهار نه وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ايوان صدر طرفان جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آصف حيدر شاهه هڪ ڀيرو وري سنڌ جو چيف سيڪريٽري مقرر، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي حڪومت 22 گريڊ جي آفيسر سيد آصف حيدر شاهه کي سنڌ جو چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سينيٽ جا 52 ميمبر رٽائر، ملڪي تاريخ ۾ ٽيون ڀيرو ايوان غير فعال

پاڪستان جي تاريخ ۾ ٽيون ڀيرو سينيٽ جي خالي سيٽن تي نئين چونڊيون ٿيڻ تائين سينيٽ غير اثرائتي رهندو

پنجاب ۽ سنڌ مان، 12، 12 جڏهن ته بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا مان 11، 11 اسلام آباد مان ٻه سيٽون خالي ٿيون

قبائلي علائقي فاٽا جي خيبرپختونخوا ۾ ضم ٿيڻ سبب فاٽا جي خالي ٿيندڙ سيٽن تي چونڊ نه ٿيندي

اسلام آباد (م ر د) سال 2018ع ۾ چونڊيل 52 سينيٽر اڄ پنهنجي ڇهه سالا مدت پوري ڪرڻ کانپوءِ رٽائر ٿي رهيا آهن جنهن سان گڏوگڏ سينيٽ جون ڪميٽيون به ختم ٿي وينديون. پاڪستان جي تاريخ ۾ ٽيون ڀيرو سينيٽ جي خالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

هنن فرض سمجهيو آهي ته عمران خان کي جيل مان نه نڪرڻ ڏنو وڃي: عليما خان

جاچ آفيسر ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود جاچ مڪمل نه ڪري سگهيو، جاچ آفيسر ڪڏهن نه ايندو

9 مهينن کان ماڻهن کي حراسان ڪيو پيو وڃي، جاچ مڪمل ناهي ٿي رهي: صحافين سان ڳالهيون

لاهور (م ر د) پي ٽي آءِ باني جي ڀيڻ عليما خان چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني سمورن ڪيسن کي منهن ڏيندو، هنن پنهنجو فرض سمجهيو آهي ته پي ٽي آءِ باني کي جيل مان نه نڪرڻ ڏنو وڃي. لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ٻاهران ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

شبير قريشي سنڌ اسيمبلي ۾ سني اتحاد جو پارلياماني ليڊر مقرر

صاحبزادا محمد حامد رضا سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر ڏانهن مقرري نامو اماڻي ڇڏيو

سني اتحاد ڪائونسل جي ميمبر ريحان راجپوت کي ڊپٽي پارلياماني ليڊر مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي حمايت يافته سني اتحاد ڪائونسل جي ايم پي اي شبير قريشي کي پارلياماني ليڊر مقرر ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

وزيراعظم محمد شهباز شريف سان چيف آف نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف جي ملاقات

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان چيف آف نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪنڊيارو: قومي شاهراهه حادثو، ٻن سڳن ڀائرن سميت 3 ڄڻا فوت

قومي شاهراهه تاج پيٽرول پمپ ڀرسان تيز رفتار مسافر ڪوچ جي ٽڪر ۾ 3 موٽر سائيڪل سوار ڌڙي تي فوت ٿيا

اطلاع ملڻ تي فوتين جا لاش ضروري ڪارروائي لاءِ ايمبولينس ذريعي تعلقه اسپتال منتقل ڪيا ويا

حادثي جو شڪار ٿيندڙ پورهيت سرن جي ڀٺي تي مزدوري ڪندا هيا جيڪي ڳوٺ کان مزدوري تي وڃي رهيا هئا

ڪنڊيارو (م ر د) ڪنڊيارو ڀرسان قومي شاهراهه تي ڪوچ جي ٽڪر ۾ 3 موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويا. فوتين ۾ ٻه سڳا ڀائر ۽ سندن چاچو شامل آهن. ڪنڊيارو ڀرسان قومي شاهراهه تاج پيٽرول پمپ ڀرسان تيز رفتار مسافر ڪوچ جي ٽڪر ۾ 3 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

15 ڏينهن کان پوءِ خبر پوندي ته نااهل حڪومت پاڪستان سان ڇا ڪرڻ واري آهي: فيصل واوڊا

صوبو مولاجٽ، صوبو پيرس، اسٽار پلس، صوبه بزدار ٽو ۽ مٺان آئين اسٽائين سموري حڪومت اتحادين جي ٻڌجي چڪي آهي

اڄ پهرين روزي تي غريب ماڻهن جي ضرورت جون جيڪي به شين جون قيمتون آهن انهن کي ياد رکيو وڃي

15 ڏينهن ۾ خبر پوندي ته نااهل، نڪمي، نالائق، بدبودار جمهوري نظام تي ٻڌل حڪومت پاڪستان سان اڳيان ڇا ڪرڻ واري آهي

اسلام آباد (م ر د) فيصل واوڊا چيو آهي ته 15 ڏينهن کان پوءِ خبر پوندي ته نااهل حڪومت پاڪستان سان ڇا ڪرڻ واري آهي، سماجي رابطن جي پليٽ فارم ايڪس (اڳوڻي ٽوئٽر) تي پنهنجي بيان ۾ فيصل واوڊا چيو آهي ته اڄ رمضان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

وزيراعظم محمد شهباز شريف پاران سيد طارق فاطمي خاص معاون مقرر

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم محمد شهباز شريف سيد طارق فاطمي کي خاص معاون مقرر ڪري ڇڏيو آهي. سندس عهدو مملڪتي وزير جي برابر هوندو. ڪابينا ڊويزن پاران جاري نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ عهدي جي چارج وٺي رهيو آهي

سعودي پرڏيهي وزير سان برطانوي هم منصب جو ٽيلي فونڪ رابطو، غزه جي صورتحال ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

رياض (م ر د) سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان سان برطانوي هم منصب ڊيوڊ ڪيمرون ٽيلي فون تي رابطو ڪيو ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ايس پي اي مطابق ٻنهي اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

فوجداري، سول، مالياتي ۽ آئيني شعبن ۾ سڌارن جي ضرورت آهي: اعظم نذير تارڙ

وزيراعظم 8 رڪني قانوني سڌارن جي ڪميٽي ٺاهڻ جي منظوري ڏني آهي

آئيني ۽ قانوني سڌارا اسان جي ايجنڊا ۾ شامل آهن: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (م ر د) سينيٽر اعظم نذير تارڙ باضابطه طور قانون ۽ انصاف واري وزارت جو عهدو سنڀالي ورتو. جاري ڪيل بيان موجب وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ چيو ته آئيني ۽ قانوني سڌارا سندس ايجنڊا ۾ شامل آهن. وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ٺٽي جي ڊي سي پاران منافعي خوري ۽ ذخيره اندوزي جي روڪٿام بابت نوٽيفڪيشن جاري

بيضا، گوشت سميت مختلف شين جون قيمتون مقرر ڪري انهن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

عملدار اگهن جون لسٽون فراهم ڪرڻ سميت شيون مقرر ڪيل اگهن تي وڪرو ڪرڻ جو پابند بڻائيندا

منافع خوري ۽ ذخيراندوزي واري ايڪٽ 1977 جي سيڪشن 8 تحت ڪارروائي ڪئي ويندي: ڊي سي

ٺٽو(ني) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو اسد علي خان قيمتن تي ضابطو، منافعي خوري ۽ ذخيره اندوزي جي روڪٿام واري ايڪٽ تحت بيورو آف سپلاءِ پرائسز ۽ دڪاندارن ۽ واپارين جي مشاورت سان رمضان المبارڪ جي حوالي سان مختلف شين اٽي، ڪڻڪ، دال، چانور، کير، ڏهي، بيضا، گوشت سميت مختلف شين جون قيمتون مقرر ڪري انهن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. نوٽيفڪيشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

غوثپور پرسان ڳوٺ نهال جعفري مان اڻڄاتل هٿياربندن هٿان اغوا ٿيل نوجوان بازياب

پوليس جنگل جي ڪچي واري علائقي مان ڌاڙيلن سان مبينا مقابلي بعد بازياب ڪرائي ورتو

نوجوان منور چنا کي اڻڄاتل هٿياربند هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ڪچي طرف وٺي رهيا هئا: پوليس

اسپشل ٽيم جي صفير احمد جاگيراڻي پنهنجي ٽيم ساڻ ڪري جنگل واري علائقي ۾ پهچي ڪارروائي ڪئي

غوثپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور پرسان ڳوٺ نهال جعفري مان اڻڄاتل هٿياربندن هٿان ٻه ڪلاڪ اڳ ۾ مبينا طور اغوا ڪيل نوجوان منور چنا کي پوليس جنگل جي ڪچي واري علائقي مان ڌاڙيلن سان مبينا مقابلي بعد بازياب ڪرائي ورتو آهي نوجوان منور چنا کي اڻڄاتل هٿياربند هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ڪچي طرف وٺي رهيا هئا ته آسپاس جي علائقي ۾ بيٺل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

غوثپور: پوليس پاران بازياب ڪرايل ڳوٺ نهال جعفري واسي بيٺل آهي

دادو ۾ رکڻ ٿاڻي جي حد ۾ واقع
ڳوٺ مراد جوٽيجو جي رهواسين
پاران احتجاجي مظاهرو

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ رکڻ ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ مراد جوٽيجو جي رهواسين غلام رسول جوٽيجو، عبدالرزاق جوٽيجو، مجتبيٰ جوٽيجو، ضمير جوٽيجو ۽ ٻين ڳوٺاڻن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا اڳيان دانهيون ته اسان جي 25 ايڪڙ زرعي زمين تي قبضا مافيا جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو پاران ڪاروباري مرڪزن جو دورو

واپاري تنظيمن ۽ ڪنزيومر ايسوسيئيشن جي گڏيل صلاح سان اگهه مقرر ڪيا ويا

اٽو چڪي وارو 125 روپيا ڪلو، ڳڙ (اي) 150 روپيا في ڪلو، دال ماش في ڪلو 400 روپيا مقرر

مڇي 1 ڪلو کان 2 ڪلو تائين 450 في ڪلو، مڇي ڪلو کان گهٽ واري 320 روپيا في ڪلو اگهه مقرر ڪيو ويو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو پاران دادو جي ڪاروباري مرڪزن جو دورو ۽ اگهن جي سروي ڪئي، واپاري تنظيمن ۽ ڪنزيومر ايسوسيئيشن جي گڏيل صلاح سان رمضان المبارڪ جي پلاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دادو: ڊي سي فياض حسين راهوجو سبزي ڪان اگهه معلوم ڪري رهيو آهي

دادو جي تاريخي ۽ قديم شهر
سيتا جي سماجي تنظيم سيتا
سرڄڻهار فورم پاران احتجاج

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي تاريخي ۽ قديم شهر سيتا جي سماجي تنظيم سيتا سرڄڻهار فورم جي جدوجهد کي هڪ سال 49 ڏينهن مڪمل مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هڪ سال کان هلندڙ جدوجهد ۾ 2 مسافر ريل گاڏيون موهن جو دڙو ايڪسپريس ۽ بولان ميل بحال ٿيڻ بعد باقي رهيل ريل گاڏين جي بحالي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دهشتگردي ٽوڙ عدالت جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٻڌڻي 26 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي

سکر جي اي ٽي سي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، عملدار پيش ٿيا

ٽن جوابدارن کي سينٽرل جيل مان عدالت ۾ آندو ويو، فريادي ڌر پنهنجي ڌرين جا وڪيل ۽ واسطيدار پيش ٿيا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي 26 مارچ تائين ملتوي ان سلسلي ۾ سکر جي اي ٽي سي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي اي ٽي سي ڪورٽ ون جي جج عبدالرحمان قاضي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ڪيس ۾ نامزد گرفتار ٽن جوابدارن کي سينٽرل جيل مان عدالت ۾ آندو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٿر جي فطري سونهن رکندڙ مور پکين تان موت جو راڪاس نه ٽريو، ڪيترائي مور مرڻ لڳا

نئون ڪوٽ پرسان تعلقي ڪلوئي جي ڳوٺن گرڙاڻ، سيڏيو مورا ۾ مور پکي پراسرار بيماري ۾ ونجي ويا

پراسرار بيماري سبب مورن جو ڳلو سُڄي ٿو وڃي ۽ اکين جي نور کان محروم ٿي مور ڦٿڪي مري وڃن ٿا

هر ڳوٺ ۾ سون جي تعداد ۾ مور هئڻ ڪري سڀني مورن جو علاج ڪرڻ ممڪن ناهي، نوٽيس ورتو وڃي: علائقي واسي

نئون ڪوٽ(رپورٽر) ٿر جي فطري سونهن رکندڙ مور پکين تان موت جو راڪاس نه ٽريو، ڏڌا ڏڌ مور مرڻ لڳا، جهنگلي جيوت کاتي جي به جوڳا اپاءَ نه ورتا، مورن جي مرڻ تي ٿر واسي ڏکارا، خبر موجب نئون ڪوٽ پرسان تعلقي ڪلوئي جي ڳوٺن گرڙاڻ، سيڏيو مورا ۾ مور پکي پراسرار بيماري ۾ ونجي ويا، ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته گذريل ٻه ڏينهن دوران پنج کان وڌيڪ مور مري آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو محمد خان ۾ بلڙي شاهه ڪريم جي ڏاڏون موري جي رهواسڻ سان زيادتي جي ڪوشش

10 سالا معصوم نينگري صغريٰ ڏيءُ بهادر چوهاڻ سان مبينه طور زيادتي جي ڪوشش ڪئي وئي

ٽن وحشي صفت نوجوانن کي فوري طور گرفتار ڪري ايف آءِ آر داخل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

فريادي ٿاڻي تي اڃان تائين نه پهتا آهن جنهن وقت به ايندا ته سندن فرياد داخل ڪيو ويندو: پوليس

ٽنڊو محمد خان (ابراهيم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ بلڙي شاهه ڪريم جي ڏاڏون موري جي رهواسي 10 سالا معصوم نينگري سان زيادتي جي ڪوشش خلاف احتجاج . خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ بلڙي شاهه ڪريم جي ڏاڏون موري جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊومحمدخان: ڏاڏون موري واسي نينگري سان زيادتي ڪندڙ جوابدارن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو غلام حيدر ۾ ڳوٺ
جمال الدين لاشاري جي رهواسين
پاران احتجاجي مظاهرو

ٽنڊو غلام حيدر(ت ر) ڳوٺ جمال الدين لاشاري جي رهواسين مشتاق احمد لاشاري مسمات حليمان ۽ ڪريمان لاشاري عوامي پريس ڪلب ٽنڊو غلام حيدر پهچي صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته ڳوٺ جي بااثر ماڻهن بلاجواز اسان غريب مسڪينن کي ڳوٺ مان لڏائڻ توڙي موت مار ڏمڪيون ڏيڻ ۽ حراسان ڪرڻ سميت من/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

بدين جي ڊيئي پوليس پاران مبينا کنيي گم ڪيل نينگر جي وارثن جو ٻئي ڏينهن به احتجاج

پورهيتن عورتن ۽ ٻارڙن سميت بااثرن ۽ ڊيئي پوليس جي ڏيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

بااثرن ٻڪري چوري جو ڪوڙو الزام هڻندي ڪوجهي ڪتن جي بنا جواز اسان جي اوطاق تي ويهاري ڇڏيو

پوليس 12 سالا نينگر تنوير لاشاري کي به پوليس زبردستي موبائيل ۾ وجهي کنيي گم ڪري ڇڏيو آهي

بدين (رپورٽر:) ضلعي بدين جي ڊيئي پوليس پاران مبينا کنيي گم ڪيل نينگر جي وارثن جو ٻئي ڏينهن به احتجاج ڳوٺ مريد لاشاري جي رهواسي پورهيتن عورتن ۽ ٻارڙن سميت بااثرن ۽ ڊيئي پوليس جي ڏيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن صالح لاشاري، وحيد علي، مسمات ماروي ۽ ٻين ڏانهيندي چيو ته ٿر جي وڏيرن سان اسان جو زميني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن پاران سکر ٽائون شپ ۾ يوٽيلٽي سپر مارڪيٽ جو افتتاح

ٽائون شپ ۾ يوٽيلٽي اسٽور سپر مارڪيٽ جو افتتاح اي ڊي سي ون محمد ناصر احمد عباسي ڪيو

سپر مارڪيٽ ۾ ڳوٺاڻي علائقن جي رهواسين کي مناسب اگهه تي کاڌي پيتي جون سهولتون ميسر ٿينديون

شيون مناسب اگهه تي ملن، ماڻهن کي مارڪيٽ مان سستي اگهه تي کاڌي پيتي جون شيون فراهم ڪيون وينديون

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن آف پاڪستان سکر ٽائون شپ ۾ يوٽيلٽي اسٽور سپر مارڪيٽ جو افتتاح اي ڊي سي ون محمد ناصر احمد عباسي ڪيو ان موقعي تي يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن آف پاڪستان سکر جي زونل مئنيجر قيصر سعيد، ريجنل مئنيجر مولا بخش مغل ۽ ٻين چيو ته سکر ٻاءِ پاس ٽائون شپ يوٽيلٽي اسٽور سپر مارڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر: يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن جو ريجنل مئنيجر قيصر سعيد ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سيٺارجا جي ڳوٺ ميهر ويسر جي
رهواسي پاران موٽرسائيڪل واپس
نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ٺري ميرواهه (رپورٽر)سيٺارجا جي ڳوٺ ميهر ويسر جي رهواسي گوهر سيال عوامي پريس ڪلب سيٺارجا پهچي چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ٿيڻ ۽ سيٺارجا پوليس جي طرفان روز روز حاضريون ڏيڻ خلاف احتجاج ڪيو تفصيل موجب # سيٺارجا جي ڳوٺ ميهر ويسر جي رهواسي گوهر سيال عوامي پريس ڪلب سيٺارجا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو پوليس ۾ فوتي ڪوٽا تحت سروس دوران فوت ٿيندڙن جي ٻارن کي آفر ليٽر جاري

ايس ايس پي شبير احمد سيٺار اميدوارن کي پنهنجي آفيس ۾ دعوت ڏني ۽ پاڻ آفر ليٽر ورهايا

آفر ليٽر ملندڙ ۾ 48 مرد ڪانسٽيبل 02 ڊرائيور ڪانسٽيبل 01 ليڊي پوليس ڪانسٽيبل شامل آهن

دادو(ن سنڌيار) ضلعي دادو پوليس ۾ فوتي ڪوٽا تحت سروس دوران فوت ٿيندڙ دادو جي پوليس اهلڪارن جي 51 اولاد کي پوليس ۾ نوڪري جا آفر ليٽر جاري ڪيا ويا ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار سمورن اميدوارن کي پنهنجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو: ايس ايس پي شبير سيٺار نوجوانن کي آفرليٽر ڏئي رهيو آهي

نوشهروفيروز ۾ ٻج ۽ کلر جي مد ۾ آيل پورهيتن جي پئسن مان ڪٽوتي ٿيڻ لڳي

شهر ۾ ڳٺ جوڙ ڪري غريب هارين جي پئسن مان 9 هزار روپيا ڪٽوتي ڪري رهيا آهن

ملندڙ ٻج کلر جي رقم مان 4 کان پنج هزار سرعام ڪٽوتي ڪري لکين رپيا ڪمائڻ لڳا

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهروفيروز ۾ ٻج ۽ کلر جي مد ۾ آيل پورهيتن جي پئسن مان ناڻي ۽ ويڙهو ڏاهي ڪٽوتي ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ايگريڪلچر کاتي جا عملدار ۽ ڊرائيس هولڊرن ڳٺ جوڙ ڪري غريب هارين جي پئسن مان 9 هزار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز جي سيشن جج پاران پوليس آفيسرن کي هوٽل بند ڪرائڻ کان روڪي ڇڏيو

محبوب علي جواهري پبلڪ جي شين کي رمضان شريف جي احترام ۾ بند ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

1981 جي آرڊيننس تحت ڪنهن به پوليس آفيسر کي جواز نه آهي ته هو هوٽل يا دڪان بند ڪرائي: جج

نوشهرو فيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) سيشن جج نوشهروفيروز محبوب علي جواهري جو وڏو قدم ضلعي جي تمام پوليس آفيسرن کي ڪليل هوٽل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر جي باگڙجي لڳ ڳوٺ سابا جي واسين عباسي برادري پاران احتجاجي مظاهرو

صدرالدين عباسي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مقتول جي وارث عورتن ۽ مردن مظاهرو ڪيو

حماد الله عباسي-سميع الله- علي شير-نصرالله عباسي ۽ ٻين گولين هڻي ناحق قتل ڪيو: الزام

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي باگڙجي لڳ ڳوٺ سابا جي واسين عباسي برادري پاران ويهه ڏينهن اڳ سکر جي مليٽري روڊ تي گولين هڻي قتل ڪيل صدرالدين عباسي جي قاتلن جي گرفتار لاءِ مقتول جي وارث عورتن ۽ مردن قمر الدين عباسي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

خيرپور ناٿن شاهه لڳ ڳوٺ سنگهڙ واسڻ پاران پوليس ۽ بااثرن خلاف احتجاج مظاهرو

رضيا زال ناهيد خان بااثرن ۽ ڳوزو پوليس انچارج عبدالله جويو جي ناجائزين خلاف احتجاج ڪيو

هٿياربند چور مڙس کي مارڪٽ ڪندي منهنجا ڪپڙا ڦاڙي مونکي تذليل جو نشانو بڻايائون: الزام

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه لڳ ڳوٺ سنگهڙ واسڻ رضيا زال ناهيد خان کوهارو بااثرن ۽ ڳوزو پوليس انچارج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

City Press Club
Khairpur Nathan Shah
سٽي پريس ڪلب
TV
ڌرتي

ڪي اين شاهه: ڳوٺ سنگهڙ واسي بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو ٽرديپ طرفان ڳوٺ گنجا وليج جي پرائمري اسڪول جي ٻارڙن سان وڻڪاري مهم جاري

ضلع پروجيڪٽ آفيسر شهناز سيال سوشل موبلائيزر نور رحمان سومرو شبانا سميجو وڻ پوکيا

اسان جي هر ممڪن ڪوشش هوندي ته وڻڪاري مهم کي ڪامياب ڪري وڻ پوکيون: شهناز سيال

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ٽرديپ طرفان ڳوٺ گنجا وليج جي پرائمري اسڪول جي ٻارڙن سان گڏجي وڻڪاري جي حوالي سان وڻ لڳايا ويا ان موقعي تي ضلع پروجيڪٽ آفيسر شهناز سيال سوشل موبلائيزر نور رحمان سومرو شبانا سميجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

Tree plantation Drive
TRDP

دادو: سماجي تنظيم جو عورتون ٻوٽو پوکي رهيون آهن

واره ۾ شگر جهڙي مرض ۾ مبتلا ٽائون ملازم پاران ناانصافين خلاف احتجاج

بهاري واري شعبي جي ملازم رياض شيخ ٽائون ڪاميٽي انتظاميا خلاف احتجاج ڪيو

عبدالحفيظ ٻگهيو ۽ اڪائونٽنٽ پاران مون مسڪين مريض ملازم سان ناانصافي ڪئي رئي آهي

واره (رپورٽر: طالب حسين چانڊيو) واره ۾ شگر جهڙي خطرناڪ مرض ۾ مبتلا ٽائون ملازم بهاريدار رياض شيخ جو ٽائون انتظاميه جي ناانصافين خلاف احتجاج خبر موجب : واره ٽائون ڪاميٽي جي بهاري واري شعبي جي پڪي ملازم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سنڌ ميمڻ اتحاد جي مرڪزي اڳواڻ پاران بستري تي پيل پيرسن عورت جي عيادت

مڙس جي تشدد جو شڪار ٿي بستري تي پيل پيرسن عورت شهزانا ميمڻ جي عيادت ڪئي

شهزانا ميمڻ هڪ بهادر عورت آهي جنهن پنهنجي مڙس جون تڪليفون برداشت ڪيون: سجاد امداد

نوشهروفيروز (رپورٽر:منظور ملڪ) سنڌ ميمڻ اتحاد جي مرڪزي اڳواڻ سجاد امداد ميمڻ مورو پهچي ميمڻ برادري جي انتهائي تڪليفن سان منهن ڏيندڙ ۽ مڙس جي تشدد جو شڪار ٿي بستري تي پيل پيرسن عورت شهزانا ميمڻ جي گهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز: سنڌ ميمڻ اتحاد جا اڳواڻ پيرسن عورت جي عيادت ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ ڪڻڪ جي خريداري لاءِ خوراڪ کاتي ڪو به سينٽر قائم نه ڪيو

ٽنڊو غلام حيدر ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ ڪو به خريداري جو سينٽر قائم نه ڪيو ويو آهي

مقرر ڪيل 4 هزار روپيه في مڻ خريداري بجاءِ 3200 ۽ 3500 تائين وڪرو ڪرڻ لاءِ مجبور

ٽنڊو محمد خان (ابراهيم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ ڪڻڪ جي خريداري لاءِ خوراڪ کاتي ڪو به سينٽر قائم نه ڪيو نه وري باردانو ڏنو ويو . آبادگار پريشان . خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ ڪڻڪ جي خريداري لاءِ خوراڪ کاتي طرفان ضلعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو ۾ وومين پوليس آفيسر انسپيڪٽر بينظير جمالي خلاف احتجاجي مظاهرو

راشد جمالي خلاف هڪ پورهيت موٽرسائيڪلن جي مستري محمد صفر ڪوسو مظاهرو ڪيو

بينظير جمالي منهنجي موٽرسائيڪل ۽ موبائيل فون رڪوري جاٽائي گم ڪري ڇڏي آهي: الزام

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ وومين پوليس آفيسر انسپيڪٽر بينظير جمالي پوليس اهلڪار راشد جمالي خلاف هڪ پورهيت موٽرسائيڪلن جو مستري محمد صفر ڪوسو ميڊيا اڳيان مبينا دانهيندي چيو ته مان پنهنجي ڳوٺ ڏٽي بخش ڪوسو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪي اين شاهه جي نئون ايس ايڇ او افتخار احمد جمالي کي چورن پاران سلامي، هڪ ڪلاڪ ۾ 2 وارداتون

نئون ايس ايڇ او افتخار احمد جمالي کي چورن پاران سلامي. فورن پاران بنا خوف جي ٻه وارداتن تي خوف ۽ هراس

ڪي اين شاهه ٻاءِ پاس جي ڪجهه مفاصلي تي نامعلوم فورو هٿيارن جي زور تي چائنه موٽر سائيڪل ڦري فرار ٿي ويا

خيرپورناٿن شاهه جو عوام آخر ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو هر ظلم هٿان جي عوام سان ظلم ڪيو پيو وڃي: ساڃاهه وندن جون ڳالهيون

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) ڪي اين شاهه جي نئون ايس ايڇ او افتخار احمد جمالي کي چورن پاران سلامي. فورن پاران بنا خوف جي هڪ ئي ڪلاڪ ۾ ٻه وارداتون. تفصيل موجب. ڪي اين شاهه جو عوام ڏوهارين کان خوفزده. ڪي اين شاهه جي نئون ايس ايڇ او افتخار احمد جمالي کي چورن پاران سلامي. فورن پاران بنا خوف جي هڪ ئي ڪلاڪ ۾ ٻه وارداتون ڳوٺ مير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪي اين شاهه ۾ عام واهپي شين ۾ هٿرادو واڌ خلاف اي ڊي سي پاران دڪاندارن تي ڏنڊ

اي ڊي سي ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي چيئرمين جا ڇاپا، ڪيترن ئي دڪاندارن تي ڏنڊ هنيا ويا

شاهي بازار، مير حسن چوڪ، مڇي مارڪيٽ ۽ ٻين هنڌن تي گوشت مرغي ڪرياني جو اگهه چيڪ

فياض حسين راهوجو جي هدايتن تي شهر جو دورو ڪري وڌيڪ اگهه وٺندڙن دڪاندارن مٿان ڏنڊ هنيو ويو

خيرپورناٿن شاهه(رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) ڪي اين شاهه ۾ عام واهپي شين ۾ هٿرادو واڌ خلاف اي ڊي سي ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي چيئرمين جا ڇاپا، ڪيترن ئي دڪاندارن تي ڏنڊ هنيا ويا. تفصيل موجب. ڪي اين شاهه ۾ عام واهپي شين ۾ هٿرادو واڌ خلاف اي ڊي سي ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي چيئرمين جا ڇاپا، ڪيترن ئي دڪاندارن تي ڏنڊ هنيا ويا. خيرپور ناٿن شاهه ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪي اين شاهه: اي ڊي سي سبزي جا اگهه معلوم ڪري رهيو آهي

دادو ويجهو خدا آباد ٿاڻي جي
حد ۾ واقع ڳوٺ لطف علي پنڌ
جي رهواسي پاران احتجاج

دادو(ن سنڌيار) دادو ويجهو خدا آباد ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ لطف علي پنڌ جو رهواسي لعل بخش جمالي دادو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ميڊيا اڳيان دانهيون ته 3 سال اڳ مقامي بااثر ماڻهن غلام قادر رند، گل محمد شاهاڻي، سلطان شاهاڻي وارا منهنجي ڀاءُ صدام حسين جمالي کي گذريل 3 سالن کان پريشان ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

بدين جي ڊيئي پوليس پاران مبينا کنيي گم ڪيل نينگر جي وارثن جو ٻئي ڏينهن به احتجاج

پورهيتن عورتن ۽ ٻارڙن سميت بااثرن ۽ ڊيئي پوليس جي ڏيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

بااثرن ٻڪري چوري جو ڪوڙو الزام هڻندي ڪوجهي ڪتن جي بنا جواز اسان جي اوطاق تي ويهاري ڇڏيو

پوليس 12 سالا نينگر تنوير لاشاري کي به پوليس زبردستي موبائيل ۾ وجهي کنيي گم ڪري ڇڏيو آهي

جهڏو (رپورٽر) جهڏو لڳ ضلعي بدين جي ڊيئي پوليس پاران مبينا کنيي گم ڪيل نينگر جي وارثن جو ٻئي ڏينهن به احتجاج ڳوٺ مريد لاشاري جي رهواسي پورهيتن عورتن ۽ ٻارڙن سميت بااثرن ۽ ڊيئي پوليس جي ڏيادتين خلاف احتجاجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 36

جهڏو: پوليس پاران کنيي گم ڪيل نينگر جا وارث سندس بازيابي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو ۾ کدڙن فقيرن جون
دانهون، معاملي جو نوٽيس
وٺي انصاف ڪرڻ جي گهر

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ کدڙن فقيرن جون دانهون احتجاج، فقير سيما ،ميڊم سونيا جان، دادو جي مڙهي جي گرو خواجه سرا فقير حاجي گلزار ميمڻ جي ساک کي نقصان پهچائڻ واري ميلن جي ڊانسر ۽ فحاشي جو ڏنڊو ڪندڙ گلزار سولنگي ۽ سندس ساٿاري جي ٻاڙي ۾ پهچي کدڙن فقيرن پچا ڪئي ته ريلوي ڪوارٽر راسين شهباز بشير احمد ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 37

وطن ويلفيئر آرگنائيزيشن طرفان پروين رحمان جي 11 هين ورسيءَ جي پروقار تقريب منعقد

اعجاز علي ڪيريو، خيرمحمد لاکو ۽ شاگرديائي آمنه بلوچ پاران شهيد پروين رحمان کي ڀيٽا پيش

شهيد پروين رحمان خود هڪ ادارو هئي، اسان ڪيس وساري نٿا سگهون ميڊم غريبن جو آواز هئي: اڳواڻ

سڪرنڊ (رپورٽر:راج ڪماراوڏ) وطن ويلفيئر آرگنائيزيشن طرفان عظيم سماجي عورت اڳواڻ شهيد ميڊم پروين رحمان جي 11 هين ورسيءَ جي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جتي وطن ويلفيئر آرگنائيزيشن جي صدر اعجاز علي ڪيريو، خيرمحمد لاکو ۽ شاگرديائي آمنه بلوچ پاران شهيد پروين رحمان جي جدوجهد ۽ سماجي ڪردار کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ شهيد ميڊم پروين رحمان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 38

خانپور جي ڪچي ۾ مڙس گهرو اڻبڻت تان پستل جا فائر ڪري زال کي قتل ڪري ڇڏيو

ڪوٽ شاهو ٿاڻي جي حد ڳوٺ مراد علي بداڻي جتوئي ۾ شاهنواز سازين کي قتل ڪري فرار

عورت جو لاش خانپور اسپتال آندو ويو، اسپتال ۾ ليڊي ڊاڪٽر نه هجڻ سبب شڪارپور منتقل

گهرو اڻبڻت تان جوابدار مڙس زال کي پستل جا فائر ڪري قتل ڪري فرار ٿي ويو آهي: پوليس

خانپور (رپورٽر: عتيق ابڙو) خانپور جي ڪچي ۾ جوابدار مڙس پاران گهرو اڻبڻت تان پستل جا فائر ڪري پنهنجي زال کي قتل ڪري فرار ،پوليس پهچي مارجي ويل عورت جو لاش خانپور اسپتال منتقل ،اسپتال ۾ ليڊي ڊاڪٽر نه هجڻ سبب شڪارپور منتقل ،علائقي ۾ ڪارڻهن الزام هيٺ جوابدار مڙس پنهنجي گهرواري کي قتل ڪرڻ جا چوپول ،گهرو اڻبڻت تان جوابدار مڙس پنهنجي زال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

درگاهه ويهڙ شريف ۾ عقيده تحفظ ختم نبوت ۽ فلسطين جي عوام مٿان ٿيندڙ ظلمن بابت اجلاس

پاڪستان مشائخ اتحاد جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل پير مخدوم نديم احمد هاشمي صدارت هئي

عقيدت تحفظ ختم نبوت اسان جي ايمان جو حصو آهي ۽ قادياني عقيده ختم نبوت جا منڪر آهن

فلسطين لاءِ قدم کڻي ۽ سمٽ ڪانفرنس گهرائي وڃي. فلسطين ڏانهن امدادي سامان موڪليو وڃي: مطالبو

شڪارپور (ني) درگاهه ويهڙ شريف ۾ عقيده تحفظ ختم نبوت ۽ فلسطين جي عوام مٿان ٿيندڙ ظلمن بابت مشائخ ۽ علماءِ ڪرام جو هڪ اجلاس تڪميل پاڪستان مشائخ اتحاد جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل پير مخدوم نديم احمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور: درگاهه ويهڙ شريف ۾ ڪوٺايل اجلاس جو ڏيک

چمبڙ ۾ هٿرادو مهانگائي جو
آزار، پورهيت 2 ويلا ماني لاءِ
پريشاني جو شڪار ٿي ويا

چمبڙ(رپورٽر) حڪومتون بدلي ٿيون مگر غريب جي قسمت بدلي نٿي چمبڙ ستي ۾ فروٽ جو گاڏو هلائي زندگي جو گذر سفر ڪندڙ عبدالله ڪالرو ۽ عبدالستار خاصخيلي ٻ وقت جي ماني کائڻ لاءِ مهانگائي سبب پريشان. تفصيل موجب چمبڙ شهر جا پورهيت عبدالله ڪالرو ۽ عبدالستار خاصخيلي فروٽ جو گاڏو هلائي گذر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پانڌي ۾ جسقم پاران ايس ايڇ او پانڌي غلام شبير عمراڻي خلاف سخت احتجاجي مظاهرو

جسقم پانڌي پاران محبوب پنجارو پرويز جمالي وحيد پنجارو ڪاشف پنجارو جي اڳواڻي ۾ ريلي

نوجوانن کي گرفتار ڪري ايس ايڇ او پانڌي انهن جي آزادي لاءِ ڳري رشوت طلب ڪئي آهي: مظاهرين

ايس ايڇ او بيگناهه گرفتار ڪيل جمالي برادري جا ڇوڪرا ۽ جسقم اڳواڻ پرويز جمالي کي آزاد ڪري ڇڏيو

پانڌي (رپورٽر) جسقم پانڌي پاران ايس ايڇ او پانڌي غلام شبير عمراڻي خلاف سخت احتجاج ۽ نعريبازي ڪئي وئي پانڌي ايس ايڇ او جي ناجائزين خلاف جسقم پانڌي پاران محبوب پنجارو پرويز جمالي وحيد پنجارو ڪاشف پنجارو ۽ ٻين جي اڳواڻي جمالي مارڪيٽ کان هڪ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مک بازارن کان ٿيندي نيشنل پريس ڪلب پانڌي پهتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

حجامڙو ڪريڪ پرسان سمنڊ مان وڌڪ 2 لاش هٿ مليل، فوتين جو تعداد 12 ٿي ويو

چئن ڄڻن کي ابراهيم حيدري ۽ هڪ اورنگي ٽائون جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

سجاد گنڊرو، شاهد عرف محمد ڪوڪي جو ڪيو، رياض خاصخيلي، نور عالم ابراهيم جي سڃاڻپ ٿي

فوت ٿيل چوهڙ جمالي واسي شبير ملاح کي ڪورنگي جي سرد خاني حوالي ڪيو ويو، انگ وڌي ٻارنهن ٿي ويو

ملير (رپورٽر فاروق پنگرار) حجامڙو ڪريڪ پرسان سمنڊ مان وڌڪ ٻه لاش هٿ مليل لاشن جو تعداد 12 ٿي ويو گذريل ڏينهن هٿ آيل 6 ماهيگيرن جي سڃاڻپ ٿي وئي چئن ڄڻن کي ابراهيم حيدري ۽ هڪ اورنگي ٽائون جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي چوهڙ جمالي واسي جو لاش ڪورنگي سرد خاني حوالي ٻڏي ويل 14 ماهيگيرن مان 10 جا لاش ملي ويا باقي 4 جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ملير: سمنڊ ۾ ٻڏي ويلن کي ڪڍڻ لاءِ ريسڪيو آپريشن جو عملدار جائزو وٺي رهيا آهن

ڀيرلوءِ ۾ رمضان شريف جو تقدس
پائمال . هوٽلن سميت کائڻ پيئڻ
جون شيون عام وڪرو

ڀيرلوءِ(رپورٽر) رمضان شريف جو تقدس پائمال ٿي ويو ڀيرلوءِ ۾ هوٽلن سميت کائڻ پيئڻ جون شيون سرعام وڪرو ٿيڻ لڳيون پوليس منٿلي عيوض اجازت ڏئي ڇڏي تفصيل موجب ڀيرلوءِ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ رمضان شريف جو تقدس پائمال ٿي ويو پوليس جي آشيرواد سان چانهه جي هوٽلن سميت کائڻ پيئڻ جون شيون سرعام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 13 مارچ 2024ع

مهانگائيءَ کي روڪڻ لاءِ بي لاپ حڪومتي مشق!

رمضان المبارڪ جو اڄ پهريون روزو آهي ۽ ان ڀلاري مهيني جي آمد کان اڳ ۾ ئي هوش وڃائيندڙ مهانگائيءَ جي آمد ٿي چڪي آهي. توڙي جو رمضان المبارڪ خير ۽ برڪتن وارو مهينو آهي پر ناجائز نفعي خورن، ذخيره اندوزي ڪندڙن ۽ لالچي واپارين ان کي مهانگائي جو مهينو بڻائي ڇڏيو آهي. چنڊ نظر اچڻ کان هفتو کن اڳ ۾ ئي عام واهپي جي شين جي اگهن ۾ گهڻي واڌ ڪئي ويندي آهي. ان هٿرادو مهانگائيءَ، اڳ ئي مهانگائي جي ماريل عوام جو ويتر جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. ميوا، ڀاڄيون، گوشت، مڇي ۽ ٻين عام واهپي جي شين جا اگهه هٿرادو طور تي وڌايا ويا آهن. ناجائز نفعي خورن ۽ واپارين جي ڦرلٽ کان عوام کي بچائڻ لاءِ ۽ مهانگائي کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ حڪومت وٽ ڪو به مڪينزم ڪونهي. رڳو ڪاميٽيون جوڙڻ تي زور هوندو آهي. جيڪا مشق مهانگائي کي روڪڻ جي هڪ اجائي ڪوشش ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي. هن ڀيري به اها ئي ساڳي ڪرت جاري رکندي سنڌ جي وڏي وزير سمورن ڪمشنرن کي پرائس مئنيجمينٽ ڪاميٽيون جوڙڻ جي هدايت ڪئي آهي. وڏي وزير طرفان اها پڻ هدايت ڪئي وئي آهي ته اگهن تي ضابطو آڻي، صفائي سترائي، ٽريفڪ مئنيجمينٽ ۽ امن امان جي صورتحال بهتر ڪئي وڃي.

هونئن ته سال جا 11 مهينا دڪاندار ۽ واپاري عوام جي ڦرلٽ ڪندا رهن ٿا پر رمضان المبارڪ جو مهينو ايندي ئي مهانگائي کي چوٽ چاڙهي اهي سڄي سال جو منافعو ان هڪڙي ئي مهيني ۾ حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن. جيڪڏهن هيڪوٽي مهانگائي ٿيندي آهي ته اهي دڪاندار ۽ واپاري ان کي ٻيڻ تي وڌائي ڇڏيندا آهن. ان سڄي لقاءَ کي حڪومت انتهائي عفو ۽ درگذر سان ڏسندي رهي ٿي. رڳو ڪجهه نمائشي قدم کڻي ٿورڙي وٺ پڪڙ ڪري تحرڪ پيدا ڪيو ويندو آهي. جيڪا لاحاصل ۽ بي لاپ مشق آهي. ٿيندو ائين آهي ته وڌيڪ اگهه وٺندڙ واپارين ۽ دڪاندارن تي ڇاپا هڻي ڏنڊ وڌا وڃن ٿا ۽ اهي دڪاندار ۽ واپاري وري اها ڪسر پوري ڪرڻ لاءِ ترن جو تيل ترن مان ڪڍي ٿا وٺن. عوام جي ڦرلٽ جاري رهي ٿي. حڪومت ڏنڊ وصول ڪري ٿي. جيڪو سرڪاري خزاني ۾ وڃي ٿو پر عوام جي کيسي تي جيڪو ڌاڙو هنيو وڃي ٿو. ان جو ته ڪو به تدارڪ نٿو ٿئي ۽ نه ئي مهانگائي گهٽجي ٿي. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته ڇاپا هڻي ٻڙڌڪ مچائي ڏنڊ وصول ڪرڻ سان مهانگائي ڪنٽرول ٿي نه سگهندي. ان جي لاءِ حقيقي قدم کنيا وڃن. اصل ڳالهه اها آهي ته رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ فروٽ، ڀاڄين ۽ ٻين عام واهپي جي شين جي کپت ٻين مهينن جي ڀيٽ ۾ وڌي ويندي آهي ۽ ان وڌندڙ طلب جي حساب سان شين جي رسد تي ڌيان نٿو ڏنو وڃي. طلب ۽ رسد ۾ توازن نه هجڻ جي ڪري مهانگائي وڌي ٿي ۽ حڪومت ان بنيادي اهم ڳالهه تي ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي. جڏهن شين جي کوٽ پيدا ٿئي ٿي، يا وري واپاري ۽ ناجائز نفعي خور ذخيره اندوزي ڪري هٿرادو کوٽ پيدا ڪن ٿا ته اهڙي صورتحال ۾ شين جا اگهه وڌي وڃن ٿا. طلب جي حساب سان مارڪيٽ ۾ رسد جو توازن قائم رکڻ گهرجي پر انتظاميا اهي قدم کڻڻ لاءِ تيار نه آهي. دنيا جي ملڪن ۾ مقدس ڏينهن، ڏڻن ۽ سڳورن مهينن ۾ شين جا اگهه معمول کان گهٽ ڪيا ويندا آهن ته جيئن غريب غربي جي به عام واهپي جي اهم اسمن تائين رسائي ممڪن ٿي سگهي، پر اسان وٽ قصو ئي ابتو لڳو پيو آهي. هتي وڌ ۾ وڌ اهو ته دڪاندارن کي اگهن جون لسٽون لڳائڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي ٿو پر ٿيندو ائين آهي ته دڪاندار سي- ڪئٽيگري جون شيون اي- ڪئٽيگري جي اگهه تي وڪرو ڪرڻ لڳن ٿا ۽ اها ساڳي ڦرلٽ جاري رهي ٿي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اثرائتو ۽ مستقل مڪينزم جوڙيو وڃي. مارڪيٽ ۾ عام واهپي جي شين جي طلب ۽ رسد ۾ توازن بنيادي گهرج آهي. ان ڪري ان توازن کي برقرار رکڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. ڏنڊ واري عوام لاءِ بي لاپ مشق بدران مهانگائي ۽ ناجائز نفعي خوري ڪندڙ واپارين ۽ دڪاندارن کي گرفتار ڪري انهن تي ڪيس داخل ڪيا وڃن. تڏهن ئي مهانگائي تي ڪنٽرول جا امڪان پيدا ٿي سگهندا.

وڻ سيڪيورٽي رسڪ نه پر فطرت جو مظهر آهن!

الياس ٿري

سنڌ ۾ هن مهيني کي فطرت جي موت وڇوڙي ۽ وڇوٽ جي مهيني طور ياد رکيو ويندو ۽ اها ڳالهه ڊجيٽل تاريخ کان پرنٽ ميڊيائي تاريخ جي رڪارڊ تي ان ڪري به رهڻ گهرجي، جو سنڌ ۾ اڄ به مغليه اسٽائل جي درباري تاريخ لکجڻ جو دور به روان دوان آهي، جنهن ۾ اقتداري ايوانن ۾ ٻيون يا ٽيون پيرو ڪنهن "ڪريزي" جيئن ڪاهي پوڻ کي به قومن جي تاريخ سان ڳنڍڻ جي باهوڙ لڳي پئي آهي. جيتوڻڪ ان دوڙ ۾ سلطاني گهوڙن جا سُنب سنڌ جو سينو پرزا پرزا ڪندي ٿا نظر اچن پر مارڪ زڪر برگ جي اوطاق تي اسانجا واتوڙي دانشور اونڌيون ڪنون هڻي ويٺا "پرچو رند" جون گوٺيون ڦيرين ۽ فاتح هجڻ جو جشن پيا ملهائن. ان سموري منظرنامي مان سنڌ جو اين ايف سي، پاڻي معاهدو ۽ وسيلا غائب آهن. ٻين لفظن ۾ سنگت جي ايجنڊا تي ئي ناهن.

خير تاريخ ته پاڻهي پئي پنهنجو چيڙو نبيرو ڪندي پر پاڻ ڳالهه پئي ڪئي سين فطرت جي. سو وڻن جي ٽڙن تي لکجندڙ نالن کي متاثر تي ڳوڙهن جي ڳڙي پوڻ جهڙي لازوال شاعري جو تخليقڪار سائين سائينداد ساند به موڪلائي ويو. ڪڏهن ڪڏهن فطرت ڪشش به ڪندي آهي ۽ اهو احساس ڏياريندي آهي ته ڪيس پائيندڙ پرچهلا موڪلائين پيا. سو چٽي چانڊني ۾ پري کان پڻ ساين جو ڏسجڻ رٿيت جو روح رجنديون ٿين ۽ حال اورڻ ۾ وسارجي وڃڻ تي روئندڙ سنڌ جو ڪوي ته موڪلائي ويو پر ان ئي مهيني دوران ٽگوسر ترائي جي پر ۾ موجود پانهياري ٻيلي کي به باهه لڳي آهي، جتي ڪجهه ئي مفاصلي تي سنڌ جو ڪلاسيڪل راڳي استاد شفيع فقير به وسي ٿو پر باهه ڏئي ٻيلو ساڙيندڙن کي ڪهڙو پتو ته ڌرتيءَ تي وڻ به انهن "ڏنگن ٻارن" جو اصطلاح رکن ٿا، جيڪي هر طوفان آڏو سينو تاڻي ڌرتيءَ جا وارث ٿي بيهندا آهن. گهڻو اڳ جڏهن ڪارونجهر ۾ باهه لڳڻ جا واقعا رپورٽ ٿيا ته مون 'پرغمال ڪارونجهر جي ڪٿا' جي عنوان سان ليک لکيو هو پر هاڻ ته ورستي به پرغمال آهي، جتي وڻ سيڪيورٽي رسڪ بڻجي ويا آهن. استاد شفيع فقير جڏهن حليم باغي جي مشهور نظم "اڙي شهر جانان" ڪمپوز ڪري ڳايو ته اها راڳڻي ڪنهن ناچڻي جو رقص بڻجي پئي ۽ سنڌ جي جواني مورن جا اهڃا ته حسين ۽ ڪنوارا ٺهڪ بڻجي وئي، جو اهو نظم استاد جڏهن ۽ جهڙي به وقت ڳائي ته وسڪارو وسندي لڳندو آهي. خوابن جا پکي آرٽس فئڪلٽي لڳ موجود بيد مشڪ جي وڻن ۾ آکيرا اڏيندي ڏسي سگهيا آهن. 'اڙي شهر جانان' نظم ۾ بيد مشڪ جي وڻن ۽ سنڌالاجي لڳ صبح پهر ڪرڻن، پيلين ديوارن، سفيد ڪپڙن، اپسرائن جي ٽولي جي راڻي ۽ شهر دلدار جامشوري جو ذڪر آهي. اهو سمورو فطرت سان ٽمٽار منظرنامو سنڌ يونيورسٽي جي هائوڪي انتظاميا کي سيڪيورٽي رسڪ ٿو لڳي، باقي پوءِ شاگرد آخر ڇا ته پڙهن، سوچين لوچين ۽ لچن جتي ڪنهن دور ۾ اظهار سومرو فلسطيني ڇوڪريءَ تي اهو نظم به لکيو ته. "عرب ديس جي او ڇوڪري، ڪجين جيان اُپي اُپي". سو هاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪجين بيد مشڪ کان ويندي خوبصورت ۽ سمورا اهي گهاٽا وڻ سيڪيورٽي رسڪ بڻجي ويا آهن، جيڪي پارڪن جي لڳولڳ يا ٻين هنڌن تي موجود آهن، سي وڍرايا پيا وڃن، جن مان ڪجهه وڻن جي وڍجڻ واري وارتا اسحاق سميجي به بيان ڪئي ۽ ان بعد اهو معاملو سوشل ميڊيا کان ملڪي ميڊيا تائين به ويو آهي. سنڌي ادب کي "سارنگا" نالي سان خوبصورت ادبي مخزن ڏيندڙ ۽ فطرت جي حسين شاعر اسحاق سميجي کي ڪير سُڃاڻي ته اهڙن عملدارن جي پوسٽنگ به ڪي "مرد حُر" ٿي ڪرائيندا آهن. اسحاق ۽ آئون شايد هڪ ئي بئنچ ۾ ان ساڳئي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ گڏ پڙهيا آهيون ۽ ڪجهه وقت اخباري دفترن ۾ به گڏجي خاڪ ڇاڻي اٿم. ٻاروتڻ فطرت جو اهڙو معصوم روپ آهي، جو ان جي ساک سان ڪيئي سويرا اجالا ٿي پوندا آهن ۽ ان ٻاروتڻ ۽ نوجواني طرف وڌندڙ وقت کي ٽن سٽن جو تيزو بڻائيندڙ پياري اسحاق سميجي کي ڪهڙي خبر ته هن روڳي سماج ۾ جواني هڪ جوئا آهي.

"زندگي هولي لڳي، راند کيڏڻ جي وهيءَ ۾،
عشق جي گولي لڳي"

جهڙين سٽن جا تخليقڪار! هتي ته هاڻ هر لمحو رسڪ ٿي بڻجي ويو آهي ۽ هڪڙو تون آهين جيڪو لکين ٿو ته،

وڻ جو سوڳ پکي نه ڪندا، ٻيو ڪير ڪندو!
ماڻهوءَ پاڻ ڪهاڙي ناهي
وڏ ۾ وڏ بي ماڙي ناهي
ماڙيءَ لئه هن وڻ وڍرايو
۽ وڻ مان دروازو ناهيو
در تي پنهنجو ناءُ لکايئين
ڇانوَ وڃائي، ڇائي پايئين!
وڻ جو سوڳ پکي نه ڪندا، ٻيو ڪير ڪندو

اسانجي شهر نيو ڇور جي هائوڪي بس اسٽينڊ لڳ هڪ پپر جو خوبصورت وڻ هوندو هو. ان پرسان رجوازي جي ڏٺي نارائڻ سنگهه سوڍي پاران عوامي پياؤ (پاڻي پيئارڻ خاطر) کوه کوٽايل هو چار ڏاڪا ٿين ٿا. هاڻ نه اهو کوه آهي، جنهن تان پاڻياريون پاڻي ڀرينديون هيون ۽ نه وري اهو پپر جو وڻ ۽ چئوڏار اڏيل ٿلهو رهيو آهي، جنهن تي ٿيلڙين موريئن ۽ سينڌور سجايل نارين پهچي پپر جي پوڄا ڪنديون هيون ۽ ساوڻ رُت جي سنجها ٽائي جڳ جهان جي خير لاءِ پرارٿنا ڪنديون هيون. هاڻ ان پپر جي وڻ لڳ پوليس ٿاڻو قائم ٿي ويو آهي. موهن ڪلپنا پنهنجي آتم ڪٿا "ٻڪ، عشق ۽ ادب" ۾ لکي ٿو ته هو سکر جي راجا رام هاءِ اسڪول ۾ ڪچي ٻاراڻي کان ٽئين درجي تائين پڙهيو. سامهون سنڌوءَ جو شاهي درياءَ هو جتي مائي راجا نالي ڪومندر به هو اتي هڪ پپر جو وڻ به هو جتي پنڻ سان هڪ نالو لکيو هوم 'موهن'. هو لکي ٿو ته چاليهن سالن کان وڌيڪ عرصو ٿيو آهي، سکر نه ڏٺو اٿم. ڪڏهن ڏسندو آهيان هڪ ٻار آهي، پپل جي وڻ وٽ بيٺلو آهي، سنڌوءَ ڏانهن نهاري رهيو آهي. چاهيندو آهيان ڪاش هڪ دفعو اتي پهچي وڃان ان وڻ هيٺان. جيڪڏهن اهو اڃا به اتي آهي ۽ جي نه آهي ته ڪو تصور جو وڻ ڪڙو ڪريان. اٿين تصور ۾ گهڻا دفعا سنڌوءَ جي ڪپ تي پپل جي هيٺان بيلو آهيان. هاڻي به ڪيترا شخص اتي بيهندا هوندا. ڪنهن کي خبر نه هوندي ته ان جڳهه تي ستن سالن جي عمر جو موهن ڪلپنا به بيهندو هو. اڄ جڏهن سنڌس آتم ڪٿا ۾ پنهنجي وجود کان وڇوڙي جو درد بيان ڪندي پپر جي وڻ جو ذڪر پيو ڪجي ته قصو موهن ڪلپنا جي چاليهن سالن کان گهڻو اڳ وارين يادن جو آهي پر ڪيس به پنهنجو لکيل نالو موهن ۽ پپر جو وڻ نٿو وسري ته پوءِ سنڌ جي اها ٿهي، جنهن آرٽس فئڪلٽي جي يو شيپ دروازي مان گذرندي پاڻ کي انقلاب ۽ رومانس جي رمزن حوالي ڪيو هجي ۽ گهڙي ڪن ٽوڙهي ڦاٽڪ اسٽيج جي پرسان بيٺل خوبصورت قدآور وڻن جي اوٽ وٺي ڪو نظم، گيت ۽ غزل سرجيو هجي، ڪيمسٽري جي پارڪ ۾ ويهي سموري سنڌي ڪيمسٽري جي ابتڙ پاڻ کي گهڙي پل لاءِ آزاد هوائن جي اُڏار بڻايو هجي، اها ٿهي وڻن جي وڍجڻ تي غم درد بيان نه ڪندي ته ٻيو ڇا ڪندي!

وڻ ننڍا هجن توڙي وڏا پر اهي وڻ ئي هوندا آهن ٿر جي روهي رڻ ۾ جڏهن شام پنهنجا پرڙا پکيڙيندي آهي ته ان منظر جو ماپو ڪنهن اهڙي ڊاڪيومينٽري جو پرومو لڳندو آهي، جنهن جي شروعاتي ڏسا ۾ توهان کي رڳو روهيڙي جا رتا گل نظر ايندا. روهيڙو ٿر جو اهڙو خوبصورت وڻ آهي، جو چون ٿا ته انگريزن جڏهن سنڌ کي روينيو قانون ڏنو، تڏهن ان قانون موجب روهيڙي جي واڍي تي ڇه مهينا ٻنان ٻچا ڳاچا جي ٽيپ لاڳو ڪئي هئي پر هن وقت ان روهيڙي کي به ٻوٽارن جي محل ماڙين ۾ استعمال ڪرڻ سان گڏ ان کي ڪمرشل بنيادن تي استعمال ڪري ان جي نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي.

شيخ اياز پنهنجي شهره آفاق نظم "ڇا ٿو سوچي ڇاڇرو" ۾ سرنگهو جي وڻ جو تذڪرو ڪيو آهي ته وري اسلام ڪوٽ جي گهاٽن نمن کي به ياد ڪيو آهي. سائين لال سنگهه سوڍي سميت ٿر جا راجپوت درٻار فطرت جا داعي رهيا آهن. سنڌن گوارين (ڳوٺن جا وٿاڻ) مورن، هرڻين وڻن ۽ وسڪارن جون ساکي رهيون آهن ۽ اهو سلسلو صدين پڄاڻان اڄ به سندن اوتارن آڏو قائم ۽ دائم آهي.

ٿر جي منظرنامن مان هڪڙو منظر اهو به آهي، جو جڏهن ڪنهن ناريءَ کي پرڻائي سهاڳڻ جو تلڪ لڳائي ڪيس ساهرن ڏانهن روانو ڪري جڏهن موڪلائي جو گيت ڏورو ڳائي وداع ڪبو آهي ته اها ڪنوار ڳوٺ جي آخري نهار تائين نهاريندي جتي پنهنجي پيهر ڏانهن ڏسندي لڙڪ وهائيندي آهي، اتي هوءَ ڳوٺ جي ڳواڙي ۾ بيٺل ڪندي، نم يا ديويءَ جي وڻ ڏانهن آخري نهار نهاري هڪ اهڙي اوچنگار ڏيندي آهي، جو آسمان ڏري پوندو آهي. اهو ان ڪري به جوان وڻ جي لامن ۾ هوءَ سهيلين سان لوڏ ۾ لڏي هوندي آهي. هُن سراڻ، تيج، هولي، ديوالي ۽ عيد براتون ان وڻ جي ڇانوَ ۾ گذاريندي ڪوڏيون کيڏيون هونديون آهن. پوري دنيا جي ڪنهن به خطي ۾ فطرت سان محبت جو اهڙو منظر نه ملندو.

حاجي ساند جو گيت "وڏي هن نم پوڙهي ۾ جواني جيئن لُڏي آهي" به ان منظر جو عڪاس آهي. تنهن ڪري وڻ ٿر جي ڪنهن ڳواڙي جا هجن يا يونيورسٽين جي فئڪلٽين آڏو هجن، اهي سيڪيورٽي رسڪ نه پر فطرت جو مظهر هوندا آهن. جن ۾ نسلن جون يادون، گرمين جا پنڌ ۽ تڪ پڄڻ توڙي سيارن جي سرد راتين جا احساس محفوظ هوندا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو عمرڪوٽ ۾ پنهنجي دور جو ڪلاس جو مصور استاد پورڻ ڪمار هوندو هو. جنهن آئل پئنٽ برش سان لطيف سرڪار جي تصوراتي تصوير جو جيڪو خاڪو پيش ڪيو هو تنهن ۾ هُن لطيف سائينءَ کي ڪنهن وڻ جو ٽيڪ ڏئي ويٺل ڏيکاريو آهي ۽ سندس هٿن ۾ تنبورو به ڏيکاريو هئائين. اهو پورٽريٽ هند سنڌ ۾ مشهور ٿيو سوڍي سي سنڌ يونيورسٽي کي گهرجي ته اهو وڻن جو قتلام بند ڪرائي اداري جو علم دوست ماحول دوست سربراهه ثابت ڪري. اڄو ته سيئي سڄڻ وڻن جي وارثي جو وچن ڪريون.

رهي اَچجي راتڙِي، تن وادوڙِين وَٽاءِ؛
جن کي سورُ سريرَ ۾، گهٽَ مَنجهاران گهاءَ؛
لِڪائي لوڪاءَ، پاٺهين پَڌِن پَٽِيُون.

حڪومت ڪنهن سان سچي آهي؟

سارنگ امر

پ پ، ليگ ۾ ته ٻارنهن ٿي ويا. ايم ڪيو ايم صدر زرداريءَ جي حمايت ڪندي ووٽ ڏنو آهي. ان طرح ب ب جو پلاڻ پورو ٿي ويو. بلوچستان ۾ وڏ وزارت ملڻ بعد ب ب پاڻ کي ڪامياب ڪنگ ميڪر چئي سگهي ٿي. پر ڏيئي هيٺان اونده ان کي ئي چئبو آهي ته ب ب جا اهي ڪارڪن نظرانداز ٿي ويا، جيڪي قربانيون ڏيندڙن ۾ باقي رهجي ويا هئا. ب ب کي رڳو اهو نقصان ته ٿيو آهي. اهو جدا موضوع آهي.

اعلان ڪيو ويو ته ب ب ليگ ڪابينا جو حصو نه ٿيندي. گڏوگڏ هي به ته زرداريءَ جي پارٽي ليگ سان گڏ ٻيهندي. هنن جا ميمبر ڪابينا کان ڪيترو وقت ٻاهر رهي سگهن ٿا. يعني مڇي پاڻيءَ بنا ڪيترو رهي سگهندي؟! ڏٺو ويندو. پر ٻنهي جي پارٽيءَ اهڙيءَ ريت عوام دوستيءَ تان هٿ کنيو آهي، جهڙيءَ ريت شهباز رياست جي ڪري سياست جي قرباني ڏني هئي. سو ڪڏهن نه ڪڏهن عوام جا اڳوڻا گهڻ گهرا ڀٽائيءَ جي لفظن ۾ چوندا ته:

اڳي ايئن هياس، جو پنهنجوءَ ڏوتر ڪيرا،
هاڻي هيئن ٿياس، جو جت ته تيئر پاڻ سين

عوام سان نڀائڻ محال آهي، اهڙن ماڻهن لاءِ، جيڪي هڪ بدران اڌ ماني رکي نه کائي سگهن. ڪي ترقي پسند پ ب کي عوام جي روايتي پارٽي چوندا هئا. ان ڳالهه جو هڪ پاسو اهو آهي ته عوام ان کي پنهنجي پارٽي سمجهندو هو. بي بيءَ جي ڪري عورتون ان کي ووٽ ڏينديون هيون. پر 8 فيبروريءَ تي ووٽر عورتون به ڪافي گهٽ تعداد ۾ ووٽ ڏيڻ نڪتيون. عام طور ووٽر به تمام گهٽ انگ ۾ آيو ووٽرن جو ڪوڙو ٽرن آئوٽ ٻڌايو ويو البت سنڌ ۾ جو به انگ آيو ان مان پ ب کٽيو.

"ڏانڊلي ڏانڊلي" راند ته اڃا به کيڏي پئي وڃي. ان وچ ۾ فضل الرحمان پي ٽي آءِ کان پڇيو آهي ته جيڪڏهن 2018 ۾ ڏانڊلي نه ٿي ته هاڻي ڪيئن ٿي! اصل ته هن کهنه مشق سياستدان چوڻ اهو گهريو آهي ته پ ب ۽ ليگ کي محدود مينڊيٽ مليو آهي ۽ ڌوڙ ڪرڻ وارو ڪو ٻيو آهي. اهي پارٽيون نه. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته ملڪ جا فيصلا عوام ڪري. اسٽيبلشمينٽ نه. ڏنڊين آڱريون ڏيندڙ تبديلي اها آئي آهي ته عمران خان 9 مئي وارن واقعن ۾ جوابدارن خلاف ڪور ڪمانڊرن پاران سخت قدم کڻڻ جي اعلان جي حمايت ڪئي آهي ۽ اهو چيو اٿائين ته هو فوج سان ڇڪتاڻ نه ٿو چاهي. هي سندس وڏي پشيماني جو پورٽرن آهي. جنهن سان هن پنهنجي ڪارڪنن کي ٻوهي ۾ ڏئي ڇڏيو آهي. ٻين لفظن ۾ هنن کي واريءَ ۾ ڇڏي پاڻ اڪيلو جهاز تي اڏامي ويو آهي. ٻين لفظن ۾ اها رڳو پ ب نه آهي. جنهن جي حصي ۾ اها مشهوري آهي ته اها پنهنجي ڪارڪنن سان اهڙي ڪندي آهي، جهڙي ٻرڙو ڪري ٻارن سان.

عوام سان اقتداري ايوانن ته ان کان وڌ تعديون ڪيون آهن. يقينن اهو انتهائي اهم موضوع آهي. عام طور موضوع جيڪي بحث ۾ اچن ٿا. تن ۾ عوام جا اصل اشوز تمام گهٽ ميدان ۾ اچڻ ڏنا وڃن ٿا. سنڌ ۽ بلوچستان هڪڙا موضوع آهن. جن کي به دٻائڻ ۾ وسان نه گهٽايو ويو آهي پر اڻميو اهو آهي ته اهڙا اشوز کڻڻ ۾ عوامي رخ کان نٽايو ويندو رهيو آهي ۽ ڪن قاتلن کي به شهيد چيو ويندو آهي. ڪرنٽ اشوز ۾ پارليامينٽ جي جوڙجڪ، صدر، وزيراعظم. پارلياماني بدران صدارتي نظام به آهن. فضل الرحمان ان تي به تازو ڪجهه چيو آهي ۽ زور ڏنو اٿائين ته ملڪ ۾ پارلياماني نظام هلندو.

ملڪ ۾ غربت انتهائي سخت ۽ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وسيع ڦهليل آهي. اهو هڪ نهايت وسيع موضوع آهي پر ان جو هڪ نڪتو اهو آهي ته لاڏلو سڏجندڙ صوبي پنجاب ۾ ڪيترين ئي بيمارين ۾ سوين ٻار اجل جو شڪار ٿي ويا آهن. جن مان تازو نمونيا سبب ٿيندڙ موت نظرانداز ڪرڻ جهڙا ناهن. پنجاب گهڻو ڪري ليگ جي جنبي ۾ رهيو آهي ۽ ليگ اتي به وڏيون تباهيون پکيڙيون آهن ليگ سدائين ڪنگز پارٽي رهي آهي. جنهن ڪڏهن به عوام لاءِ ڪو تعميري ڪم نه ڪيو آهي. هاڻي لڳي ٿو ته مٿين سطح تي سڀ پارٽيون ليگ بڻجي ويون آهن. خاص طور ان ڪري ته سندن پاليسيون بلڪل ساڳيون آهن. مثال طور عوامي يا سرڪاري ادارن کي نجڪاريءَ جو شڪار ڪرڻ. شهباز حڪومت اچڻ سان پي آءِ اي جي نجڪاري بنا دير ڪرڻ جا سانباها ٿي ويا آهن. اسٽيل مل جو حشر خراب ڪيو ويو جو ته اها وڏي صنعت ملڪ ۽ عوام کي فائدو ڏئي رهي هئي. انهيءَ نجڪاري پاليسيءَ جي پ ب به حمايت ڪري رهي آهي.

پ ب جو بنيادي منشور سوشلزم چيو ويندو هو. نعرو هوندو هو طاقت جو سرچشمو عوام آهي All power to the peopleءِ پروگرام هوندو هو: اٽو لٽو اجهو اهو سڀ بنا ڪنهن شڪ جي عوام لاءِ انتهائي ڪشش ڪندڙ ٿي ۽ پر گهڻو آدرشي ماڻهن لاءِ اوليت جرڳو هوندو هو. هاڻي رويا گهڻي حد تائين بدلجي ويا آهن ۽ مخالفن جي پروپيگنڊا به گهڻي اثرانداز ٿيڻ جوڳي آهي. ب ب جا عام ووٽر ڪٿي ان پروپيگنڊا کان گهڻو متاثر نه ٿين. تڏهن به آهي پنهنجن اهنجن سبب عوام جي حيثيت ۾ ووٽ ڏيڻ نه نڪتا. ووٽن جي عزت تمام گهٽ ٿي. بهرحال ڪيئي سوال بحال ڪندي نالي ۾ نهال قومي اسيمبليءَ اجلاس شروع ڪري ڇڏيا آهن. جن لاءِ عام طرح زبانن تي اهو آهي ته قومي اسيمبلي نه ٿي. مڇي مارڪيٽ ٿي. ڪي ته چون ٿا ته مڇي مارڪيٽ کي اجايو بدنام نه ڪريو!

وڌيڪ حيران ڪندڙ سلطان راهي سياست پي ٽي آءِ، عرف سني اتحاد ڪائونسل وارن جي آهي، جيڪي ايوان جو حصو هوندي چون ٿا ته ايوان کي هلڻ نه ڏينداسين. نيڪ اهڙو ئي بيان ٿورا ڏينهن اڳ جي يو آءِ جو به هو جن هارايو. تن روايت موجب ڏانڊليءَ جون اپ ڏار رڙيون ڪيون ۽ تخريبي لاڙن سان پاڻ کي. پنهنجي اصليت کي ظاهر ڪيائون. پر هاڻي اهي سڀ. جيئن هنن ڪالمن ۾ دعوا ڪئي وئي هئي، واپس ٿي رهيا آهن. ليگ کي ڇڏي اڪثر ڌريون صوابديد سياستدانن لاءِ ڇڏڻ. اسٽيبلشمنٽ کي پنهنجي ڪم تائين محدود رهڻ جو تاڪيد ڪنديون رهيون. ان ۾ شڪ ناهي ته ان وقت تائين ائين نه ٿي سگهندو. جيستائين عام ماڻهو شعور جو ڀرپور مظاهرو نه ڪندا. اهڙي ڪا به تبديلي ليگ نه ٿي چاهي. جيئن ان پاڪستان جي ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين ڪڏهن نه چاهيو آهي.

حڪمران سچا ڪنهن سان آهن. اهو سوال ورجائجندو رهندو. پر ان جا ٻه جواب عام طور ايندا. هڪ هي ته اهي ته پنهنجو پاڻ سان به سچا ناهن. جن سياست يا هڪ ليگي شخصيت جي لفظن ۾ عزت نفس قربان ڪئي. ٻيو اهو ته اهي رڳو وڏن واپارين، وڏن سرمائيدارن ۽ جي ايڇ ڪيو سان سچا آهن.

بقايا ❋❋❋ 01

آهن. پ پ قيادت سنڌ ڪابينا جي قلمدانن بابت به فيصلو ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب، ناصر شاهه وٽ توانائي، رٿابندي ۽ ترقيات جا کاتا هوندا. شرجيل ميمڻ ايڪسائز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ ٽرانسپورٽ جو وزير هوندو. تعليم ۽ معدنيات واري وزارت سردار شاهه وٽ هوندي. جام خان شورو آبپاشي. سعيد غني بلديات ۽ پبلڪ هيلٿ جو وزير هوندو. علي حسن زرداري جيل کاتي جو وزير هوندو. ان ڪانسواءِ محمد بخش مهر وٽ اينٽي ڪرپشن ۽ راندين واري وزارت هوندي جڏهن ته عذرا پيچوهو صحت واري وزارت ڏني ويندي.

بقايا ❋❋❋ 02

مولانا غفور حيدري ۽ نثار کهڙو جون خالي سيٽون شامل آهن جڏهن ته جام مهتاب، پرنس احمد عمر ۽ سرفراز بگٽي جي خالي سيٽن تي به ننڍي چونڊ ٿيندي. سينيٽ جي ننڍي چونڊ اسلام آباد جي هڪ، سنڌ جي ٻن ۽ بلوچستان جي ٽن سيٽن تي ٿيندي. 14 مارچ تي شيڊيول ننڍي چونڊ ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي ميمبرن اسلام آباد جي سيٽ تي يوسف رضا گيلاني کي ووٽ ڏيندي.

بقايا ❋❋❋ 03

هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. پنڊيءَ ۾ قيدين سان ملاقاتن تي ٻن هفتن لاءِ پابندي جو ذڪر ڪيو ويو آهي. پنڊيءَ ۾ چيو ويو آهي ته جيلن جي سيڪيورٽي سخت ڪئي وڃي ۽ جيل ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي چيڪنگ ڪئي وڃي. واضح رهي ته جيل انتظاميا عمران خان سان ملاقاتن لاءِ اڱاري ۽ خميس جو ڏينهن مقرر ڪيو هو. اڊيالا جيل ۾ عمران خان ڪانسواءِ تحريڪِ انصاف جو اڳواڻ شاهه محمود قريشي، پرويزالاهي به قيد آهي. ياد رهي ته سي ٽي ڊي لاهور ڪجهه ڏينهن اڳ اڊيالا جيل تي حملو ناڪام بنائڻ جي دعويٰ ڪئي هئي. ٻئي پاسي پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئريسٽر گوهر علي خان چيو آهي ته عمران خان سان ملاقات تي بندش مذمت جوڳو عمل آهي. پابندي کان اڳ سندس گهرڀاتين ۽ وڪيلن کي آگاهه ڪرڻ گهرجي ها. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي بئريسٽر گوهر علي خان چيو ته عمران خان جي زندگي خطري ۾ آهي. هو عام قيدي نه آهي. هن چيو ته عمران خان کي اهڙي قسم جي پابندين کان ڇوٽ هئڻ گهرجي. هن مطالبو ڪندي چيو ته عمران خان سان اربع جي ڏينهن ملاقات جي اجازت ڏني وڃي، سائنس ملاقات ڪانپوءِ تحريڪ انصاف مستقبل جي حڪمت عملي جو اعلان ڪندي. ان موقعي تي قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر اڳواڻ عمر ايوب الزام لڳائيندي چيو ته پنجاب جي وزيراعليٰ ۽ ٻيون اعليٰ اختياريون ان پابنديءَ جون ذميوار آهن. هن چيو ته هو وڪيلن سان گڏ عمران خان سان ملاقات لاءِ جيل پهتا پر کين ملاقات جي اجازت نه ڏني وئي.

بقايا ❋❋❋ 04

نوجوانن کي آءِ ٽي جي شعبي ۾ تعليم ۽ هنر ۽ اسٽارٽ اپس کي گهربل سهولتون فراهم ڪيون وينديون. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي صدارت ۾ آءِ ٽي جي شعبي جي حوالي سان اعليٰ سطحي جائزه اجلاس ۾ ڳالهائيندي ڪيو. اجلاس ۾ ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، اقتصادي معاملن ۽ اسٽيبلشمينٽ واري وفاقي وزير احد خان چيما، انفارميشن ٽيڪنالاجي واري مملڪتي وزير شيزا فاطمه خواجه، اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد، شهزاد سليم ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. وزيراعظم چيو ته ملڪ ۾ اربين ڊالر جي آءِ ٽي روانگي واپار جي صلاحيت مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي لاءِ قدم کنيا ويندا. نوجوانن کي آءِ ٽي جي شعبي ۾ تعليم ۽ هنر ۽ اسٽارٽ اپس کي گهربل سهولتون فراهم ڪنداسين. گذريل حڪومت جي دور ۾ آءِ ٽي جي صنعت جي لاءِ جن منصوبن جي شروعات ڪئي انهن جا مثبت نتيجا اچي رهيا آهن. اسٽارٽ اپس، فري لانسرز ۽ آءِ ٽي ڪمپنين جا بئنڪنگ سان لاڳاپيل سمورا مسئلا حل ڪيا. هن چيو ته هلندڙ سال آءِ ٽي روانگي واپار جو متوقع ڪاٿو 3 ارب ڊالر کان وڌيڪ آهي. جيڪو خوش آئنده آهي پر اسان کي ان ۾ اضافو ڪرڻو آهي. وزيراعظم هدايت ڪئي ته اسپيشل ٽيڪنالاجي زونز جي حوالي سان پڻ هڪ ٺوس رپورٽ جوڙي پيش ڪئي وڃي. پاڪستان جي آءِ ٽي جي شعبي کي عالمي معيار تي آڻڻ جي لاءِ تمام گهڻي محنت ڪرڻي پوندي. اجلاس کي ملڪ ۾ آءِ ٽي شعبي جي حوالي سان تفصيلي طور تي آگاهه ڪيو ويو. اجلاس ۾ وزيراعظم کي جون 2023ع ۾ وزيراعظم پاران ڏنل 5 ارب جي آءِ ٽي پئڪيج تي اڳڀرائي بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته گذريل حڪومت جي دور ۾ وزيراعظم جي خصوصي ڌيان جي ڪري آءِ ٽي شعبي جي روانگي واپار ۾ گذريل سال جي ڀيٽ ۾ هلندڙ سال جي پهرين 7 مهينن ۾ 13 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. اجلاس کي وڌيڪ ٻڌايو ويو ته ڊيجي- اسڪلز پروگرام تحت هن وقت 17 بيچز ۾ اٽڪل 40 لک شاگردن ۽ شاگردياڻين کي آءِ ٽي جي ٽريننگ ڏني وئي آهي جنهن ۾ 28 سيڪڙو انگ عورتن جو آهي. اجلاس کي وڌيڪ ٻڌايو ويو ته فري لانسرز جي انگ جي حوالي سان پاڪستان دنيا جو ٻيو وڏو ملڪ آهي. پاڪستان پنهنجون آءِ ٽي مصنوعات 170 ملڪن کي برآمد ڪري ٿو. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته گذريل سال، پاڪستاني اسٽارٽ اپس ۾ 400 ملين ڊالر جي سيڙپڪاري ٿي. وزيراعظم هدايت ڪئي ته پاڪستان جي آءِ ٽي شعبي ۾ سيڙپڪاري ۽ روانگي واپار ۾ اضافي جي لاءِ سمورا ضروري قانوني پاليسي قدم کنيا وڃن. وزيراعظم چيو ته آءِ ٽي سيڪٽر جي صلاحيت مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي لاءِ، نوجوانن جي پيشيوارائي ۽ فني تربيت جي منصوبن تي ڪم تيز ڪيو وڃي. اجلاس کي آءِ ٽي، اي روزگار، اسٽارٽ اپس، سائبر سيڪيورٽي، ٽيلي ڪام سيڪٽر ۽ ملڪ ۾ فائيو جي جاري ڪرڻ تي اڳڀرائي ۽ قدمن بابت آگاهه ڪيو ويو. وزيراعظم لاڳاپيل عملدارن کي ملڪي آءِ ٽي روانگي واپار ۾ اضافي جي لاءِ هڪ واضح روڊ ميپ ٺاهي پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا ❋❋❋ 05

علي امين گنڊاپور وفاقي حڪومت کي لکيل خط ۾ چيف سيڪريٽري خيبرپختونخواهه نديم اسلم چوڌري کي هٽائڻ ۽ شهاب علي شاهه کي چيف سيڪريٽري مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪئي آهي. ان کان اڳ خيبرپختونخواهه حڪومت وفاق سان مالي معاملن بابت دستاويز تيار ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين خان گنڊاپور جي صدارت هيٺ ٿيل اهم اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته جيڪڏهن وفاقي حڪومت نوٽيس نه ورتو ته عدالتن جو دروازو به کڙڪايو ويندو. پشاور ۾ ٿيل اهم اجلاس ۾ وڏي وزير کي وفاق جي ذميداري تحت صوبي جي بقاياجات ۽ ٻين مالياتي معاملن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. وڏي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته وفاق جي ذميداري هيٺ فارمولي موجب وفاق کي پن بجلي جي مد ۾ 1510 ارب رپيا ڏيڻا آهن. 6 ارب رپيا نيشنل گرڊ کي وڪرو ٿيندڙ صوبائي بجلي جا بقايا آهن علي امين گنڊاپور لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته معاملي کي وفاقي حڪومت ۾ اٿارڻ لاءِ لائحه عمل جوڙيو وڃي ۽ آئيني حقن لاءِ آواز اٿاريو ويندو. معاملي کي موثر انداز ۾ اٿارڻ لاءِ ماهرن جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن.

بقايا ❋❋❋ 06

شاهد سميت وزارت جي ٻين اعليٰ آفيسرن وفاقي وزير جي آجيان ڪئي. عطاءُ الله تارڙ پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو سينيئر اڳواڻ آهي، هو تڪ اين اي 127 لاهور تان قومي اسيمبلي ميمبر چونڊيو آهي. ايوان صدر ۾ بحيثيت وفاقي وزير حلف کڻڻ کانپوءِ اڄ اڱاري ڏينهن اطلاعات واري وزارت ۾ پنهنجون ذميواريون سنڀالي ورتيون. ان موقعي تي ڳالهائيندي وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو ته اطلاعات واري وزارت جا دروازا صحافي برادري جي لاءِ کليل رهندا. ملڪ ۾ مثبت ۽ تعميري صحافت کي فروغ ڏيڻ ۽ حڪومت ۽ ميڊيا جي وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته حڪومتي قدمن ۽ پاليسين کي عوام تائين پهچائڻ جي لاءِ ميڊيا سان گڏجي ڪم ڪنداسين. ميڊيا عوام ۽ حڪومت جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪري ٿي. ان ڪردار کي بهتر طريقي سان نڀائڻ جي ضرورت آهي.

بقايا ❋❋❋ 07

ڪيل پڌرائي موجب، معاشي چيلينجز کي نظر ۾ رکندي صدر آصف علي زرداري پگهار نه وٺڻ جو فيصلو ڪيو صدر آصف علي زرداري جي فيصلي جو مقصد ملڪ ۾ دانشمندانه مالياتي انتظامن کي همٿائڻ آهي. پڌرائي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته صدر قومي ناڻي تي بار نه وجهڻ جو فيصلو ڪندي پگهار نه وٺڻ کي ترجيح ڏني.

بقايا ❋❋❋ 08

سيڪريٽري مقرر ڪري ڇڏيو آهي. آصف حيدر شاهه جي چيف سيڪريٽري طور مقرريءَ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. وفاقي حڪومت چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم کي تبديل ڪري سنڌس جاءِ تي آصف حيدر شاهه کي مقرر ڪري ڇڏيو آهي ان کان اڳ سيد آصف حيدر شاهه موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي رابطن بابت وفاقي سيڪريٽري طور مقرر هو ترجمان موجب، آصف حيدر شاهه وٽ غير معمولي انتظامي صلاحيتون آهن ۽ عوامي خدمت جي فراهمي لاءِ هڪ فعال طريقو آهي. واضح رهي ته آصف حيدر شاهه وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو پيشرو آهي. هو ان کان اڳ به سنڌ جو چيف سيڪريٽري رهي چڪو آهي جڏهن ته ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ڪمشنر طور فرض انجام ڏئي چڪو آهي.

بقايا ❋❋❋ 09

چيو ته هلندڙ مالي سال ڏکيو ثابت ٿيندو. پاڪستان جي آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول ڳالهيون هلندڙ هفتي شروع ٿي وينديون. هن چيو ته پاڪستان جي معاشي چئلينجز کي نظر ۾ رکندي پنهنجي سموري توانائي انهن مسئلن جي حل لاءِ استعمال ڪندس.

بقايا ❋❋❋ 10

پري. صدر قائد اعظم محمد علي جناح جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪئي. صدر جي آمد تي سنڌس روٽ ۽ مزار قائد تي سخت حفاظتي انتظام ڪيا ويا. صدر جي سيڪيورٽي سنڌ پوليس جي اسپيشلائز سيڪيورٽي يونٽ انجام ڏني. صدر آصف علي زرداري خاص جهاز ذريعي راولپنڊي جي نور خان ايئربيس کان فيصل ائير بيس ڪراچي پهتو جتي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، گورنر سنڌ ۽ ٻين سنڌس آجيان ڪئي. صدر آصف علي زرداري اڄ رات بلاول هائوس ۾ ترسندو اربع جي صبح ڪراچي کان لاڙڪاڻي روانو ٿيندو جتي هو ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو جي مزارن تي به حاضري ڀريندو. واضح رهي ته صدر جو عهدو سنڀالڻ ڪانپوءِ آصف علي زرداري جو ڪراچي جو هي پهريون دورو آهي.

بقايا ❋❋❋ 11

۽ حسن نواز لنڊن کان لاهور پهچي ويا آهن. ذريعن موجب، نواز شريف جاتي امرا پهچڻ تي پنهنجي پٽن جي آجيان ڪئي.

بقايا ❋❋❋ 12

رهندو. ڳالهيون ڪامياب ٿيڻ جي صورت ۾ هڪ ڏهائي هڪ ارب ڊالرز جي قسط جاري ڪرڻ جو فيصلو ٿيندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف وفد جي دوري دوران نئين قرض پروگرام بابت ڳالهه ٻولهه به متوقع آهي.

بقايا ❋❋❋ 13

۽ هڪ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر زخمي ٿي پيو. پوليس عملدارن موجب، پوليس اهلڪار معمول موجب گشت تي هئا ته دهشتگردن پوليس موبائيل تي فائرنگ ڪري ڏني حملي ۾ موبائيل انچارج اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر زخمي جڏهن ته ڪانسٽيبل اجمل ۽ سراج شهيد ٿي ويا. اطلاع تي پوليس آفيسرن نفري سان گڏ موقعي تي پهچي سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا ❋❋❋ 14

۾ ضمانت منظور ڪري ورتي آهي چونڊ نتيجن خلاف احتجاج تي گلگت بلتستان جي اڳوڻي وڏي وزير گرفتاري کان اڳ واري ضمانت لاءِ اسلام آباد جي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت سان رابطو ڪيو ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج طاهر عباس سپرا سنڌس درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت پنج هزار رپين جي مچلڪن عيوض خالد خورشيد جي ضمانت جي درخواست منظور ڪري ورتي. عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 19 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ان ڪانسواءِ پي ٽي آءِ اڳواڻ سيمابيه طاهر، محمد عظيم ۽ تيمور مسعود جون گرفتاري کان اڳ ضمانت واريون درخواستون پڻ منظور ڪيون ويون آهن. جج طاهر عباس سپرا پي ٽي آءِ اڳواڻن جون درخواستون منظور ڪندي کين پنج، پنج هزار رپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو

بقايا ❋❋❋ 15

قدم آهي. سيڙپڪارن جي دلچسپي پاڪستان جي نئين ناڻي واري وزير جي مقرريءَ ۾ هئي. بلومبرگ موجب، ٽيڪنوڪريٽ جي ناڻي واري وزير طور مقرري ملڪي معاشي چيلينجز کي حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي ۽ آءِ ايم ايف سان ڳالهين ۾ ناڻي واري وزير جو ڪردار ڪارائتو هوندو. بلومبرگ چيو ته محمد اورنگزيب سڌارا آڻڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪندو جيڪو ضروري هوندو. سنڌس ماضي ٻڌائي ٿو ته هو ٽئڪس جي بنياد وسيع ڪرڻ لاءِ ريئل اسٽيٽ ۽ ريٽيلرز تي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ چاهي ٿو. بلومبرگ موجب، نئون ناڻي وارو وزير نجڪاري واري عمل ۾ ايس آءِ ايف جي مدد ڪندو

بقايا ❋❋❋ 16

۽ فلم سٽي جي منصوبن جي منظوري ڏئي ڇڏي. عمران امين کي آءِ ٽي سٽي ۽ لاهور بابت بريفنگ ڏني. نالج پارڪ پروجيڪٽ، لاهور ۾ آءِ ٽي، ايجوڪيشن ۽ فلم سٽي منصوبي تي بريفنگ ڏني وئي. پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز شريف لاهور نالج پارڪ ۽ آءِ ٽي سٽي جي قيام جي منصوبي جي آخري تاريخ مقرر ڪري ڇڏي. اجلاس ۾ وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته اهي منصوبا جلد شروع ٿي ويندا. جڏهن ته مائيڪروسافٽ. اوريڪل ۽ ٻين وڏين ڪمپنين خدشن جو اظهار ڪيو آهي. آءِ ٽي سٽي لاءِ رضامندي ڪئي آهي مائيڪروسافٽ. اوريڪل ۽ ٻين وڏين ڪمپنين آءِ ٽي سٽي لاهور لاءِ رضامندي ظاهر ڪئي. پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز چين جي وڏين آءِ ٽي ڪمپنين کي آفيسون قائم ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي. اجلاس کي خطاب ڪندي وڏي وزير مريم نواز چيو ته سڄي دنيا جي بهترين آءِ ٽي ڪمپنين کي آءِ ٽي سٽي ۾ ڪاروبار جا موقعا فراهم ڪيا ويندا. ڪندو اسان پنجاب سميت سڄي پاڪستان جي شاگردن لاءِ دنيا جي بهترين يونيورسٽين جا ڪيمپس ٺاهينداسين. هن ايجوڪيشن سٽي ۾ دنيا جي بهترين يونيورسٽين جا ڪيمپس قائم ڪرڻ لاءِ فوري ڪنيڪشن جاري ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن.

بقايا ❋❋❋ 17

خرچ تي وڪيل ڏيڻ جي درخواست داخل ڪرائي ڇڏي. سکر جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج عبدالرحمان قاضي جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران جان محمد مهر قتل ڪيس ۾ سهولتڪار طور نامزد جوابدار ماستر بشير مهر، شير محمد شيخ محمد رمضان شيخ کي پيش ڪيو ويو. جڏهن ته ضمانت تي آزاد جوابدار بخشيل مهر، بابر مهر ۽ منور مهر پڻ پيش ٿيا . سهولتڪار جوابدارن شير محمد شيخ ۽ محمد رمضان شيخ غريب هجڻ جو جواز ڄاڻائي سرڪاري خرچ تي وڪيل ڏيڻ لا اپيل ڪئي. وڪيل ٻڌايو ته سرڪاري وڪيل قتل ڪيس ۾ نامزد مرڪزي جوابدارن شيرل مهر، جمن مهر، گلزار مهر، روشن مهر، قربان مهر، نصير مهر ۽ ٻين کي روپوش ڄاڻائي اخبارن ۾ ڏنل اشتهار جي رپورٽ پيش ڪئي وئي. وڪيل جو چوڻ آهي ته جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٻڌڻي 26 مارچ تائين ملتوي ڪئي وئي آهي. ايندڙ ٻڌڻي تي گرفتار 6 جوابدارن مٿان فرد جرم لاڳو ٿيڻ جو امڪان آهي.

بقايا ❋❋❋ 18

سيٽن تي نيون چونڊيون ٿيڻ تائين سينيٽ غير اثرائتي رهندو جڏهن ته اليڪشن ڪميشن خالي سيٽن تي پولنگ ڪرائڻ جو اعلان ڪيو آهي. پنجاب ۽ سنڌ مان. 12.12 جڏهن ته بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا مان 11.11 اسلام آباد مان ٽي ۽ فاٽا مان سينيٽ جون چار سيٽون خالي ٿيون آهن. قبائلي علائقي فاٽا جي خيبرپختونخوا ۾ ضم ٿيڻ سبب فاٽا جي خالي ٿيندڙ سيٽ تي چونڊ نه ٿيندي. اهڙي ريت 50 ورهين ڪانپوءِ فاٽا لاءِ سينيٽ جي مخصوص سيٽ ختم ٿي ويندي.

بقايا ❋❋❋ 19

سان ڳالهائيندي عليما خان چيو ته پي ٽي آءِ جي باني کي پيٽ ۾ درد آهي. عليما خان چيو ته جاچ آفيسر ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود جاچ مڪمل نه ڪري سگهيو. جڏهن جناح هائوس حملي ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ جج آيو ته جج موجود نه هو. هن چيو ته جاچ آفيسر ڪڏهن نه ايندو ۽ جج ڪڏهن نه ايندو. 9 مهينن کان ماڻهن کي حراسان ڪيو پيو وڃي. جاچ مڪمل ناهي ٿي رهي. عليما خان وڌيڪ چيو ته ن ليگ جي آفيس کي ساڙڻ جو ڪيس اسان تي داخل ڪيو ويو آهي. مريم نواز کي مسلم ليگ ن جي آفيس، ڪلما چوڪ ۽ ڪور ڪمانڊر هائوس تائين پهچايو ويندو.

بقايا ❋❋❋ 20

ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب پاڪ بحريه جي سربراهه وزيراعظم کي وزارت عظميٰ جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني. ملاقات ۾ پاڪ بحريه جي حوالي سان پيشيوارانه معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.

بقايا ❋❋❋ 21

ويو آهي. سني اتحاد ڪائونسل جي چيئرمين صاحبزادا محمد حامد رضا سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر ڏانهن شبير قريشي جو مقرري نامو اُماڻي ڇڏيو آهي ان ڪانسواءِ پي ٽي آءِ جي حمايت يافته سني اتحاد ڪائونسل جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ريحان راجپوت کي ڊپٽي پارلياماني ليڊر مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا ❋❋❋ 22

موٽر سائيڪل سوار ڌڪ تي فوت ٿي ويا اطلاع ملڻ تي فوتين جا لاش ضروري ڪاروائي لاءِ حسوا ايمبولينس ذريعي تعلقه اسپتال منتقل ڪيا ويا جتي فوتين جي سڃاڻپ ڳوٺ ڪبير گهانگهرو واسي منظور، بلاول ۽ روشن گهانگهرو طور ٿي فوتين جا لاش تعلقه اسپتال مان ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويا. حادثي جو شڪار ٿيندڙ پورهيت سرن جي ڀٽي تي مزدوري ڪندا هيا جيڪي ڳوٺ کان مزدوري تي وڃي رهيا هيا ٻئي پاسي حادثو ڪندڙ گاڏي وارو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

بقايا ❋❋❋ 23

۽ رفح ۾ بمباري سبب مشهور فلسطيني فٽبالر محمد برڪت سميت 67 فلسطيني شهيد ٿي ويا. رپورٽ موجب اترغزه ۾ شديد غذائي کوٽ سبب وڌيڪ 2 ٻار فوت ٿي ويا. جنهن کان پوءِ غذائي کوٽ سبب شهيد ٻارن جو انگ 27 ٿي ويو آهي. قابض اسرائيلي فوج سوين فلسطينين کي مسجد اقصيٰ ۾ داخل ٿيڻ کان به روڪي ڇڏيو آهي. عرب ميڊيا موجب آچر جي رات رمضان مهيني جي پهرين تراويح جي موقعي تي والاريل بيت المقدس ۾ اسرائيلي سيڪيورٽي فورسز سخت ناڪابندي ڪندي مسجد اقصيٰ ڏانهن ويندڙ رستن کي بند ڪري ڇڏيو هو. اسرائيل جي پابندي باوجود ڪيترائي فلسطيني تراويح جي نماز لاءِ مسجد اقصيٰ ۾ داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ٻئي پاسي حزب الله طرفان اسرائيلي علائقن تي حملا ڪيا ويا. جڏهن ته لبنان جي حدن ۾ ايندڙ اسرائيلي ڊرون جو حملو به ناڪام بنايو ويو ٻئي طرف گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس رمضان جي مهيني ۾ غزه ۾ جنگبندي جو مطالبو ڪري ڇڏيو پنهنجي هڪ بيان ۾ انتونيو گوتريس چيو ته مسلمانن جو امن، سلامتي پکيڙيندڙ مقدس مهينو رمضان شروع ٿي ويو آهي. مقدس مهيني ۾ به غزه ۾ بمباري، خونريزي ۽ فوتگين جو سلسلو جاري آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي.

بقايا ❋❋❋ 24

. رمضان المبارڪ جي پهرئين ڏينهن اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جو منفي رجحان رهيو. اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ٻاڙائي رهي ۽ پاڪستان اسٽاڪ انڊيڪس ڪاروباري ڏينهن جي پڄاڻي تي 100 انڊيڪس 953 پوائنٽس گهٽجي 64 هزار 801 تي اچي ويو ڪاروباري ڏينهن ۾ 100 انڊيڪس 1194 پوائنٽس جي ٻيند ۾ رهيو. 100 انڊيڪس جي گهٽ ترين سطح 64 هزار 664 رهي. شيئرز بازار ۾ اڄ 32 ڪروڙ 17 لک شيئرز جا سودا طئي ٿيا. جڏهن ته مارڪيٽ ڪيپٽلائيزيشن 132 ارب رپين مان گهٽجي 9 هزار 228 ارب رپيا رهي.

بقايا ❋❋❋ 25

آمد تي پرڏيهي سيڪريٽري محمد سائرس سجاد قاضي ۽ وزارت جي سينيئر عملدارن استقبال ڪيو پرڏيهي آفيس طرفان جاري بيان موجب پرڏيهي وزير کي پرڏيهي سيڪريٽري ۽ ايڊيشنل سيڪريٽريز پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي ۽ ترجيحي شعبن تي بريفنگ ڏني.

بقايا ❋❋❋ 26

استدعا ڪئي وئي آهي ته عدالتي حڪمن جي پچڪڙي تي جيل سپرنٽينڊنٽ خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي وڃي. مجلس وحدت المسلمين جي چيئرمين علامه راجا ناصر چيو ته جهنگ ۾ به ڪو قانون هوندو هوندو آهي هتي بدترين حالتون آهن. پي ٽي آءِ باني سان ملاقات نه ڪرائڻ تي سپرنٽينڊنٽ اڊيالا جيل خلاف وحدت المسلمين جي چيئرمين علامه راجا ناصر عباس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪندي موقف اختيار ڪيو ته عدالتي حڪم سان اڊيالا جيل وياسين پر پي ٽي آءِ باني سان ملاقات نه ڪرائي وئي جيل انتظاميا کي 11 مارچ جو آرڊر ڏيکاريو ته انتظار ڪرڻ جو چيو ويو. درخواست گذار چيو ته ٻارنهن مارچ جي صبح نوَ وڳي کان شام ڇهين وڳي تائين انتظار ڪرائڻ باوجود ملاقات نه ڪرائي وئي. حڪمن جي تصديقي ڪاپي ڏيکارڻ باوجود درخواست گذارن کي ملاقات جي اجازت نه ڏني وئي.

بقايا ❋❋❋ 27

اجازت نه ڏني ويندي. اهڙن خيالن جو اظهار منصوبابندي واري وفاقي وزير اڱاري ڏينهن منصوبابندي واري وزارت ۾ پنهنجي معمول جي ذميواري سنڀالڻ کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. وفاقي وزير چيو ته سياسي استحڪام کانسواءِ ترقي ممڪن ناهي. الله جو شڪر ادا ڪيان ٿو ٽيون ڀيرو منصوبابندي جو وزير بڻجڻ منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي. سياسي استحڪام ۽ پاليسين جي تسلسل تائين ترقي نه ٿي ڪري سگهي. چين، بنگلاديش، ڀارت ۽ ترڪي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيس هن چيو ته پاڪستان کي پائيدار ترقي يافته ملڪ بڻائڻ لاءِ ٺوس قدم کنيا ويندا جنهن سان روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا. پيداوار جا جيڪي ذريعا مضبوط سمجهيا ويندا هئا اهي کي ٽيڪنالاجي شعبن سان تبديل ڪيو ويو آهي. اسان سي پيڪ تي چين جو اعتماد بحال ڪيو آهي. منصوبابندي واري وفاقي وزير سي پيڪ جي ٻئي مرحلي ۾ پنج نوان ڪوريڊور شامل ڪرڻ جي منصوبي تي عملدرآمد کي به ورجايو جن ۾ ڪوريڊور آف گروٿ، ڪوريڊور آف جاب ڪريشن، ڪوريڊور آف انوويشن، ڪوريڊور آف گرين انرجي ۽ ڪوريڊور آف انڪلوسيو ريجنل ڊولپمينٽ شامل آهن.

بقايا ❋❋❋ 28

ڇڏيو آهي، هو وزارت جي حڪومتي نظم ۽ ضبط جي معاملن کي ڏسندي. ڪابينا ڊويزن پاران جاري نوٽيفڪيشن موجب پنهنجا خصوصي اختيار استعمال ڪندي مملڪتي وزير شيزه فاطمه خواجه کي انفارميشن ٽيڪنالاجي (گورنمينٽ بزنس) واري وزارت جو قلمدان ڏئي ڇڏيو آهي.

بقايا ❋❋❋ 29

جو پهريون روزو آهي. صوبو مولاجٽ، صوبو ٻيرس، اسٽار پلس، صوبو بزدار تو ۽ مٿان آئين اسٽائين سموري حڪومت اتحادين جي بڻجي چڪي آهي. هن چيو ته اڄ پهرين روزي تي غريب ماڻهن جي ضرورت جون جيڪي به شين جون قيمتون آهن انهن کي ياد رکيو وڃي. 15 روزي تائين انهن شين جون قيمتون ڊبل کان به وڌيڪ ۽ مهانگائي آسمان تي هوندي. فيصل واوڊا چيو ته هن 15 ڏينهن جي ٽيسٽ کان پوءِ اندازو لڳايو ته پاڪستان جي عوام سان گڏ هن نااهل، نڪمي، نالائق، بدبودار جمهوري نظام تي ٻڌل حڪومت پاڪستان سان اڳيان ڇا ڪرڻ واري آهي ۽ ڪيستائين هلندي.

بقايا ❋❋❋ 30

موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سيد طارق فاطمي کي خاص معاون مقرر ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا ❋❋❋ 31

رابطي دوران گڏيل دلچسپي علائقائي ۽ عالمي معاملن خاص طور غزه جي پٽي ۽ ان جي ڀرپاسي ۾ ٿيندڙ پيش رفت ۽ ان حوالي سان ڪيل ڪوشش بابت خيالن تي ڏي وٺ ڪئي.

بقايا ❋❋❋ 32

فوجداري ۽ ديواني معاملن ۾ انصاف جي فراهمي ۾ دير جو نوٽيس وٺندي ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي. قانوني عمل کي هموار ڪرڻ تيز رفتار انصاف کي يقيني بنائڻ لاءِ فوجداري، سول ماليات ۽ آئيني شعبن ۾ سڌارن جي ضرورت آهي. وزيراعظم 8 رڪني قانوني سڌارن جي ڪميٽي ٺاهڻ جي منظوري ڏني آهي. جنهن جي سربراهي سينيٽر اعظم نذير تارڙ ڪندو. ٻين ميمبرن ۾ سينيٽر اسحاق ڊار، شاهد حامد، زاهد حامد، مخدوم علي خان، اٽارني جنرل آف پاڪستان، شهزاد شوڪت صدر، ايس سي بي اي بي، ۽ ايم آر محمد احسن ڀون، پي بي سي شامل آهن سينيٽر اعظم نذير تارڙ قانون ۽ انصاف واري وزير طور نظام کي بهتر بنائڻ جي عزم کي ورجايو ۽ قانون جي حڪمرانيءَ کي برقرار رکڻ ۽ انصاف کي يقيني بنائڻ تي زور ڀريو.

بقايا ❋❋❋ 33

جو سربراهه فهيم عباس، 40 ورهين جي سنڌس گهر واري صنوبر، 15 ورهين جو پٽ دانش، 14 ورهين جو وسيم، 13 ورهين جو ڪومل ۽ بختاور، 12 ورهين جو امير علي شامل آهن. ريسڪيو ذريعن ٻڌايو آهي ته 3 ماڙ عمارت ڪچي گهر تي ڪري پئي جنهن جي ملبي هيٺان هڪ ئي گهر جا 9 ڄڻا دٻجي فوت ٿي ويا. ريسڪيو اهلڪارن حادثي واري جڳهه تان اڃان تائين 8 ڄڻن کي ريسڪيو ڪري ايمبولينس ذريعي نشتر اسپتال جي لاءِ روانو ڪري ڇڏيو آهي ڊپٽي ڪمشنر موجب ملتان جي اندرون شهر جي علائقي جوادين محلي ۾ رهائشي عمارت صبح جو 4 وڳي زبون حالي سبب ڪري پئي. ڊپٽي ڪمشنر ٻڌايو ته عمارت جو ڪجهه ملبو پاسي ۾ ڪچي گهرن تي ڪريو جنهن جي نتيجي ۾ فوت ٿي ويل ۽ زخمين کي نشتر اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ريسڪيو آفيسر جو چوڻ آهي ته حادثو ڪچي ۾ گيس ليڪيج سبب پيش آيو سحري وقت عورت باهه ٻاري ته ڌماڪو ٿيو ڌماڪي سبب 3 ماڙ عمارت جو هڪ حصو پاسي ۾ ڪچي گهر تي ڪري پيو ان گهر ۾ موجود 5 ڀيڻ ڀاءُ ۽ ان جا والدين فوت ٿي ويا. ريسڪيو موجب حادثي ۾ گڏيل طور تي 9 ڄڻا فوت ۽ 2 زخمي ٿي پيا آهن.

بقايا ❋❋❋ 34

آهي. ان ڳالهه جو اظهار پائيدار ترقيءَ واري پاليسي (ايس ڊي پي آءِ) ۽ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي انتظام هيٺ پاڪستان ۾ مصنوعي ذهانت ۽ سائبر سيڪيورٽي جي حوالي سان مشڪلاتن ۽ موقعن جي موضوع تي رٿيل سيمينار دوران ڪيو ويو ان موقعي تي آءِ ٽي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري مملڪتي وزير شيزا فاطمه خواجه چيو ته جديد ڊيٽا سان نئين نسل کي هم آهنگ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ان کي جديد فني تربيت نصاب ذريعي ڏني وڃي، جڏهن ته نصاب تعليم ۽ تعليمي نظام ۾ سڌارن جي ضرورت آهي. هن چيو ته پاڪستان ترقي يافته ملڪن ۾ ٽيڪنالاجي جي لحاظ کان تمام گهڻو پوئتي آهي. آءِ ٽي جي بهتر استعمال سان حڪمراني واري نظام ۾ بهتري ۽ شفافيت آڻي سگهجي ٿي. حڪومت عوام کي هر ممڪن سهولت ۽ پاڪستان جي برق رفتار ترقيءَ لاءِ عملي قدم کڻندي.

بقايا ❋❋❋ 35

روپين جون ادائيگيون ڪري ڇڏيون. ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب اهي ادائيگيون واٽر ڪارپوريشن جي تاريخ ۾ ڪنهن به هڪ سال ۾ سڀ کان وڌيڪ ادائيگيون ڪيون ويون آهن. هن چيو ته سي اي او واٽر ڪارپوريشن پنهنجي عهدي تي فائز ٿيڻ کان وٺي هيستائين هڪ سال ۾ ملازمن کي جيڪي ادائيگيون ڪيون آهن ان جو مثال واٽر ڪارپوريشن جي تاريخ ۾ نٿو ملي. هن ٻڌايو سي اي او واٽر ڪارپوريشن پهرين ڏينهن پنهنجي پيغام ۾ واضح طور تي چيو هو ته واٽر ڪارپوريشن جي حاضر سروس ۽ رٽائرڊ ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪرڻ منهنجي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ ان سلسلي ۾ واٽر ڪارپوريشن ۾ مختلف وقتن تي ملازمن جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ موثر قدم کنيا پيا وڃن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته سي اي او واٽر ڪارپوريشن پاران عهدو سنڀالڻ کانپوءِ واٽر ڪارپوريشن هڪ اهڙو ادارو بڻجي ويو آهي جيڪو پنهنجي ملازمن کي پهرين تاريخ تي پگهارون ۽ رٽائرڊ ملازمن کي پينشن ادا ڪندو آهي جيڪا اداري سميت ملازمن جي لاءِ خوش آئند ڳالهه آهي. ان ڪانسواءِ هلندڙ سال رمضان المبارڪ جي دوران ملازمن کي ملندڙ ليو انڪيشمينٽ جي بروقت ادائيگي لاءِ ٺوس قدم کنيا پيا وڃن ۽ انشاءَ الله رمضان المبارڪ جي پهرئين ڏهاڪي ۾ سمورن آفيسرن ۽ ملازمن کي ليو انڪيشمينٽ جي مڪمل ادائيگي ڪئي ويندي. ان موقعي تي ڊپٽي مئنيجنگ ڊائريڪٽر فنانس واٽر ڪارپوريشن سيد افتخار علي شاهه وڌيڪ تفصيل ڏيندي چيو ته سي اي او واٽر ڪارپوريشن ملازمن جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ذاتي دلچسپي وٺندي موثر قدم کنيا آهن ۽ ان سلسلي ۾ واٽر ڪارپوريشن جي تاريخ ۾ ملازمن کي پهريون ڀيرو سنڌن مجموعي پگهارن جي ادائيگي کي يقيني بڻايو ويو آهي ۽ ملازمن جي پگهارن مان ڪٽيندڙ فنڊن جي ڪٽوتي کي محفوظ بنائڻ لاءِ موثر قدم کنيا ويا آهن ۽ جيئن ملازمن کي وقت تي فنڊ ادا ڪري سگهجن. هن ٻڌايو ته جولاءِ 2023 کان فيبروري 2024 تائين ملازمن کي مختلف مدن ۾ 1 ارب 64 ڪروڙ 55 لک روپين جون ادائيگيون ڪيون ويون آهن جن ۾ جي پي فنڊ 48 ڪروڙ 10 لک، سپليمينٽري بل 7 ڪروڙ 70 لک، گريجوئيٽي پينشن 37 ڪروڙ، ايل پي آر 11 ڪروڙ 20 لک، هائوس بلڊنگ لون ۽ فوت ٿيل ملازمن جي وارثن کي مالي مدد جي مد ۾ هيستائين 21 ڪروڙ 50 لک، ميڊيڪل پرميشن ڪيس 41 لک 50 هزار، ميڊيڪل اسپتال / انسٽيٽيوٽ 32 ڪروڙ 13 لک 70 هزار ۽ گروپ انشورنس جا 6 ڪروڙ 63 لک روپين جون مڪمل ادائيگيون ڪيون ويون آهن جيڪي ڪل 1 ارب 64 ڪروڙ 55 لک روپيا ٿين ٿا. هن وڌيڪ چيو ته سي اي او واٽر ڪارپوريشن جي خاص هدايتن تي رٽائرڊ ملازمن جون بقاياتون جلد ادا ڪرڻ جي لاءِ موثر قدم کنيا پيا وڃن ته جيئن ملازمن کي بقاياتون جلد ادا ڪري سگهجن.

بقايا ❋❋❋ 36

مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي ڳوٺاڻن صالح لاشاري، وحيد علي، مسمات ماروي ۽ ٻين ڏانهينڊي چيو ته ٿر جي وڏيرن سان اسان جو زميني تڪرار هلندڙ آهي ٻاٿرن اسان تي ٻڪري چوري جو ڪوڙو الزام هڻندي ڪوجهي ڪٽڻ جي بنا جواز اسان جي اوطاق تي ريهاري ڇڏيو جنهن بعد ڏيٺي ٿاڻي جي ايس ايڇ او جي اڳواڻي ۾ چار موبائيلن اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪئي عورتن ٻارڙن تي تشدد ڪري گهرن ۾ پيل سامان ڪٽون ٽاٽون پٽي ڇڏيا گهر جي پيٽين جا تالا ٽوڙي سون ۽ روڪ رقم موبائيل فون سولر پليٽون موٽر سائيڪل پوليس کڻي وئي ۽ اسان جي 12 سالا ٽينگر تنوير لاشاري کي به پوليس زبردستي موبائيل ۾ وجهي کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي ڪٿي به ظاهر نه پيو ڪيو وڃي ٽينگر جي گم ٿيڻ سبب اسان سخت پريشان آهيون پوليس اسان کي ڌمڪيون ڏئي پئي ته زمين اسان وڏيرن کي وڪرو ڪري ڏيون نه ته ٽينگر کي ماري ڇڏينداسين هنن چيو ته پوليس ٻاٿرن جي ونگار وهندي اسان سان وڌو ظلم ڪري رهي آهي هتن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي ح

بقايا ❋❋❋ 37

ٻين ڊاٿهير ته هڪ نام نهاد ڇوڪرو گلزار سولنگي پاڙي ۾ هارسينگار ڪري ڪنو ڌنڌو ڪندو هو. ڪواپٽر مالڪ انور علي ٻڌايو ته گلزار ماڇي مهيني کان هتي رهندو هو. سنڌس مٿي جا وار وڏا. نڪ ڪن سبيل هئا. هو چوندو هو ته مان پيسا گڏ ڪري نوشهرو مان نفس جو آپريشن ڪرائي کدڙو فقير ٿي راڄ ۾ ويندس. سنڌس ڪڏي ڌنڌي سبب ۽ مڙهي جي فقيرڻ مٿان خاص عضوو زبردستي ڪٽڻ جي ڪوڙي الزام جون ميڊيا تي خبرون هلڻ بعد ڪيس پاڙي مان نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي. هاڻي خبر نه آهي ته ڪٿي آهي. الزام هيٺ آيل دادو مڙهي جي گرو فقير حاجي گلزار ميمڻ چيو ته لوفر ڇورو اسان حقي کدڙن فقيرن جي ساک کي ڇيهو رسائي رهيو آهي. جنهن کي اسان سڃاڻون به نه ٿا. اسان جي گرو فقير حاجي گلزار ميمڻ تي ڪوڙا الزام هڻي رهيو آهي جيڪو منگهڙت ۽ بي بنياد الزام آهي سنڌ. پنجاب جي سنڌ يافته مڙهي جي گرو فقيرن جو چوڻ آهي ته اسان دادو جي نيڪ نمازي مڙهي فقير حاجي گلزار ميمڻ سان گڏ آهيون. سنڌ. پنجاب جي حڪمرانن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور نوٽيس وٺي ڪوڙو ڊرامو ڪندڙ گلزار سولنگي کي گرفتار ڪري ملڪ جي خواجه سرائن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا ❋❋❋ 38

جي تصوير اڳيان ميڻ بتيون ٻاري گلن جون پتيون نڇاور ڪيون ويون. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته شهيد پروين رحمان خود هڪ ادارو هئي. اسان ڪيس وساري نٿا سگهون ميڊم غريبن جو آواز هئي ۽ ٻي پهچ انسانن لاءِ جبر چانو هئي. هن پنهنجي سموري زندگي انسانيت جي ڀلائي لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي ،مگر ڪراچي جي ٽينڪر مافيا جي دهشتگردن ڪيس شهيد ڪري سندس آواز هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيو هنن چيو ته جيڪي انسان ٻين خاطر جيئن مرن ٿا.

بقايا سنڌيار 01

موجب سمورا اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار پنهنجي لاڳاپيل علائقن ۾ جاڪايل اگهن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ سميت بيورو آف سپلائي ۽ پرائس آفيسر سمورن دڪاندارن کي مقرر ڪيل اگهن جون لسٽون فراهم ڪرڻ سميت ڪين ضروري شيون مقرر ڪيل اگهن تي وڪرو ڪرڻ جو پابند بڻائيندا. مارڪيٽ ڪميٽي ڀاڄين ميون ۽ مڇي وغيره جا اگهه روزانو جي بنياد تي مقرر ڪري اهڙيون لسٽون دڪاندارن سان گڏوگڏ ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر، مختيارڪارن ۽ ٽائون آفيسن کي فراهم ڪنديون. نوٽيفڪيشن موجب وڌيڪ اگر ولندڙن خلاف شڪايت ڊي سي آفيس لنڌو جي شڪايتي سيل ۾ ثبوت سان گڏ 0298920063 تي داخل ڪرائي سگهجن ٿيون. پڌرنامي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته ڪو به شخص ضروري شيون مقرر ڪيل قيمتن کان وڌيڪ اگهن تي وڪرو نه ڪندو. خلاف ورزي تي پرائس ڪنٽرول ۽ منافع خوري ۽ ذخيرو اندوزي واري ايڪٽ 1977 جي سيڪشن 8 تحت ڪاروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 02

آفيس ۾ دعوت ڏني ۽ پاڻ آفر ليٽر ورهايا آئي جي سنڌ پوليس ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد جي منظوري بعد ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار پاران دادو پوليس ۾ ڪانسٽيبل طور مقرر ڪيو ويو آهي ۽ BPS_07 پرتي جا آفر آرڊر جاري ڪيا ويا آهن آفر ليٽر ملنڊڙ ۾ 48 مرد ڪانسٽيبل 02 ڊرائيور ڪانسٽيبل 01 ليڊي پوليس ڪانسٽيبل شامل ايس ايس پي شبير احمد سيٺار اميدوارن ۾ آفر آرڊر ورهائي ڪين مبارڪباد ڏني ۽ ڪين سنڌ پوليس ۾ شامل ٿيڻ تي پليڪار پڻ ڪيو ان موقعي تي ڊي ايس پي سيد بناه علي شاه ۽ سروس شيٽ ڪلرڪ پير اسدالله پڻ موجود هئا ان موقعي تي ايس ايس پي دادو وڌيڪ چيو ته فوت ٿيل ملازمن ۽ شهيدن جي وارثن سان اسان جي هر ممڪن مدد حاصل رهندي

بقايا سنڌيار 03

رهواسين اهڙو اطلاع غوثپور پوليس کي ڏنو جنهن بعد ايس ايچ او غوثپور اعجاز احمد ڪوسو ۽ اسپيشل ٽيم جي صفير احمد جاگيراڻي پنهنجي ٽيم سان ڪري جنگل واري علائقي ۾ پهچي سخت ناڪابندي ڪري ڇڏي جنهن بعد ڌوهارين ۽ پوليس وچم ڪجهه دير تائين فائرنگ جو ڏي وٺ جاري رهي جنهن بعد اغوا ڪار ٽولي پارن پنهنجو گهيرو تنگ ڏسندي پوليس جي خوف مان مغوي منور چنو کي ڇڏي گهاٽو ٻيلو هجڻ جو فائدو وٺندي ڪچي واري علائقي ڏانهن فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جڏهن ته پوليس مغوي کي بازياب ڪرائي پچا ڳاڇا ڪرڻ لاءِ ايس ايس آفيس منتقل ڪري ڇڏيو آهي نوجوان جي بازيابي تي سندن جي گهر ۾ خوشي واري لهر ڇانئجي ويئي آهي.

بقايا سنڌيار 04

روپيا ڪٽوتي ڪري رهيا آهن جن ۾ ايگريڪلچر ڪاٽي نوشهروفيروز جو آفيسر فاروق وسطرو ۽ اڪائونٽنٽ منظور پان ڊوائيس هولڊرن سان ملي پگهت ڪري آبادگارن کي ملندڙ ٻج ڪارجي رقم مان 4 ڪان پنج هزار سرعام ڪٽوتي ڪري لکين روپيا ڪمائڻ لڳا ڊوائيس هولڊرن جو چوڻ آهي ته اسان ايگريڪلچر ڪاٽي جي آفيسرن ۽ پوليس وارن کي حصو پٽي ڏيندا آهيون آبادگارن جي پئسن مان ڪٽوتي ته ڪنداسين ته آفيسرن کي ڪيئن راضي ڪنداسين

بقايا سنڌيار 05

مائهن ڪريم بخش پنهور، ڪالو پنهور، وزير چانديو، نذير چانديو هٿيارن جي زور تي قبضو ڪيو آهي اسان کي زمين تي به اچڻ نٿا ڏين ۽ الٽو مخالف قبضا مافيا ڪان رڪن ٿائي جو ايس ايچ او طارق لاڪير وڏي رشوت وٺي اسان بي گناهن مٿان ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي مظاهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته فوري طور قبضو ختم ڪرائي انهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي. ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 06

دڪانون ۽ ٻين عام پبلڪ جي شين کي رمضان شريف جي احترام ۾ بند ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو سيشن جج نوشهروفيروز پنهنجي هڪ ليٽر جاري ڪيو آهي جنهن ۾ لکيو ويو آهي ته 1981 جي آرڊيننس تحت ڪنهن به پوليس آفيسر کي جواز نه آهي ته هو هوٽل يا دڪان بند ڪرائي يا ڏنڊ وصول ڪري ضلعي جي سينئر مئجسٽريٽ کي آرڊر جاري ڪيو ويو آهي ته هو ڪاروائي ڪن ۽ هوٽلن دڪانن کي بند رکن احترام نه ڪندڙ خلاف قانوني ڪاروائي ڪن

بقايا سنڌيار 07

مهيني دوران عوام کي ريليف سستيون شيون فراهم ڪرڻ لاءِ عام واهپي جي شين جا اگهه مقرر ڪندي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن مطابق ڪڻڪ جو اسپيشل اٽو 120 روپيا ڪلو، اٽو چڪي وارو 125 روپيا ڪلو، ڳڙ (اي) 150 روپيا في ڪلو، دال ماش في ڪلو 400 روپيا. دال منگ ڌوتل هڪ نمبر 240 روپيا في ڪلو، دال مگ 2 نمبر ڌوتل 200 روپيا في ڪلو، دال مسور پهريون نمبر في ڪلو 270 روپيا، دال مسور (بيونمبر) 240 روپيا في ڪلو، دال چنا (پهريونمبر) 210 روپيا في ڪلو، دال چنا (بيو نمبر) 200 روپيا في ڪلو، چولا (پهريون نمبر) 430 روپيا في ڪلو، چولا (بيونمبر) 370 روپيا في ڪلو، بيسڻ بهتر ڪوالٽي تاج برانڊ 220 روپيا ۽ بيسڻ مٽر (بيونمبر) ڪوالٽي 180 روپيا في ڪلو، سپر ڪرنل چانور (پهريون نمبر) 240 روپيا في ڪلو، سپر ڪرنل چانور (بيو نمبر) 210 روپيا في ڪلو ڪرنل اسپيشل، ڪرنل چانور، چانور بناسپتي ٽوٽا 125 روپيا في ڪلو، چانور "جوهي وارا" ڪرنل (پهريون نمبر) 200 روپيا في ڪلو، چانور "جوهي وارا" ٽوٽا 135 روپيا في ڪلو، سپر باسمتي (پهريون نمبر) 190 روپيا في ڪلو، اڙي باسمتي 125 روپيا، چانور ايري 6 نمبر 120 روپيا ڪلو، ڳاڙها مرچ پرائا (پائوڊر) 435 روپيا في ڪلو وڏو گوشت مينهن جو 500 روپيا في ڪلو، وڏو گوشت پاڏي وارو 900 روپيا في ڪلو، ڇيلي جو گوشت 1600 روپيا ڪلو، ٻڪري جو گوشت 800 روپيا، کير 180 روپيا في ڪلو، ڏهي 200 روپيا في ڪلو، برف 350 من، چانهه جو ڪوپ اسپيشل 50 روپيا، مڇي 2 ڪلو ڪان وڌيڪ وزن واري 550 روپيا ڪلو، مڇي 1 ڪلو ڪان 2 ڪلو تائين 450 في ڪلو مڇي ڪلو ڪان گهٽ واري 320 روپيا في ڪلو اگهه مقرر ڪيو ويو آهي. ڊي سي دادو فياض حسين راهوجو چيو ته هي قيمتون فوري نافذ عمل هونديون نوٽيفڪيشن موجب کنڊ، فائن اٽو، ڪوڪنگ آئل ڇڪي جو اٽو، ميدو، سوجي مارڪيٽ جي ريٽ موجب وڪرو ڪيون وينديون. جڏهن ته پاڪيٽن ۾ بند شين جهڙوڪ پتي، خشڪ کير، ڪاجو، تيل ۽ گيه، فلٽر پاڻي جون بوتلون، جوس، دوائون، ڪيميڪل ٻج ۽ سيمنٽ دهن/ٿيلهن تي لکيل اگهن موجب وڪرو ڪيو وينديون. زنده مرغي توڙي گوشت سميت مختلف ميوا، ڀاڄيون ۽ بيدا مارڪيٽ ڪاميٽي جي روزانو بنيادن تي مقرر ڪيل اگهن موجب وڪرو ڪيا ويندا

بقايا سنڌيار 08

بدالردين، سجاد احمد ڪامران مائي وڪيلا عباسي سويرا عباسي ۽ ٻين سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته ويه ڏينهن اڳ موٽر سائيڪل تي سکر ڪان گهر ايندي جوابدار اسدالله عرف حميد عباسي، حماد الله عباسي سميع علي شيرنصر عباسي ۽ ٻين ڪيس گوليون هڻي ناحق قتل ڪيو هو قتل واقعي جو ڪيس آباد ٿائي تي داخل هجڻ باوجود پوليس جوابدار گرفتار نه پئي ڪري ۽ قاتل اسان کي ڪيس تان هٽ ڪڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن وزيراعلي سنڌ، آئي جي سنڌ ۽ ايس ايس پي سکر ڪان فوري طور تي جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 09

لاڙڪاڻو جي سرواڻ مشهور ميمڻ ۽ ٻين سيٺا روڊ ريلوي اسٽيشن تي ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو.

بقايا سنڌيار 10

عبدالله جويو جي ناجائزين خلاف سٽي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهه ڳوٺ سنگهڙو واسڻ رضيا زال ناهيد خان ڪوهارو ٻاالرن ۽ گوزو پوليس انچارج عبدالله جويو جي ناجائزين خلاف سٽي پريس ڪلب پهچي الزام هڻندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڪجهه نامعلوم هٿيارند چور اسان جي گهر ۾ گهڙي پيا جن مونکي ۽ منهنجي مڙس کي مارڪٽ ڪندي منهنجا ڪپڙا ڦاڙي مونکي تذليل جو نشانو بڻايائون. اسان جي رڙين ۽ دانهن تي پاڙي وارن پهچي اسان جي جان ڇڏائي، جنهن جي ايف آئي آر ڪرائڻ لاءِ گوزو ٿائي تي پهتاسين پر گوزو انچارج عبدالله جويو اسان سان وڏي ناانصافي ڪئي آهي. هن اسان ڪان چاليهه هزار وٺي ايف آئي آر ڪئي، ايف آئي آر جي زمري ۾ جوابدار کي گرفتار ڪيائين جنهن جي گرفتاري جا به پنج ويهه هزار اسان کان وٺائين پر ساڳي جوابدار کي ڳري رشوت ۾ آزاد ڪيائين جيڪو اڄ ڳوٺ پهچي اسان کي ڌمڪيون ڏيندو رهيو، هنن اهو ۾ چيو ته اسان مسڪين غريب آهيون آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان پرزور اپيل ٿا ڪيون ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 11

فريادي ڌر صحافي برادري، ٻنهي ڌرين جا وڪيل ۽ واسطيدار پيش ٿيا پوليس پاران اڳهرائي رپورٽ پيش نه ڪرڻ ۽ جاچ آفيسر جي پيش نه ٿيڻ سبب ٻڌائي بنا ڪاروائي جي 26 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي ياد رهي ته سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل کي 8 مهينا ٿي ويا آهن پر مک قاتل آزاد آهن قتل ڪيس ۾ نامزد مک جوابدار شيرو مهر، گلزار مهر، روشن مهر، قربان مهر، نصير مهر، جمن مهر ۽ ٻيا جوابدار آزاد آهن

بقايا سنڌيار 12

۽ ٻين پارن موسمياتي تبديلن ۽ آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ وڻڪاري مهم جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي ان موقعي تي ضلع آفيسر شهناز سيال چيو ته خاص ڪري ضلع دادو جي اسڪولن ۽ ڳوٺن ۾ وڻڪاري جو هجڻ لازمي آهي دادو ضلعو اندر سيلاب سبب وڻ نه هجڻ برابر رهجي ويا آهن هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي هر ممڪن ڪوشش هوندي ته وڻڪاري مهم کي ڪامياب ڪري هر ڳوٺ هر شهر کي وڻن سان سنواري سٺي انسان ۽ سٺي ماحول جو ثبوت ڏيون

بقايا سنڌيار 13

۽ ڪيتراڻي مور بيماري ۾ مبتلا آهن. ڳوٺائن جو چوڻ آهي ته پراسرار بيماري سبب مورن جو ڳلو شجي ٿو وڃي ۽ اکين جي نور کان محروم ٿي مور ڦٿڪي ڦٿڪي مري وڃن ٿا. هنن جو چوڻ آهي ته وس آهر اسان مورن جو علاج پڻ ڪندا اچون پيا پر هر ڳوٺ ۾ سون جي تعداد ۾ مور هئڻ ڪري سڀني مورن جو علاج ڪرڻ ممڪن ناهي جڏهن ته پکين جي پالنا واري کاتي به مورن جو نسل بچائڻ لاءِ اک ناهي کولي. ڳوٺائن جو چوڻ آهي ته جهنگلي جيوت کاتي کي بار بار اطلاع ڏيڻ باوجود لاڳاپيل عملي جو ڪوبه عملدار بيمار مورن جي چڪاس ۽ علاج لاءِ ناهي پهتو. ڳوٺائن موجب مورن جو وقت سر علاج نه ٿيو ته مورن جو نسل خطري ۾ پئجي ويندو جنهن جي ڪري ٿر جا ڳوٺ مورن جي حسناڪين کان خالي رهجي ويندا. ڳوٺائن موجب ته ٿر جي مختلف ڳوٺن ۾ هر سال سون جي تعداد ۾ مور پکي پراسرار بيماري وگهي مرن ٿا پر اڄ ڏينهن تائين جهنگلي جيوت کاتو مورن جي بيماري جو پتو لڳائي ناهي سگهيو جنهن جي ڪري ٿر ۾ هر سال هزارين مور مرندا رهن ٿا

بقايا سنڌيار 14

رهواسي 10 سالا معصوم ٽينگري صغرئ ڏيءِ بهادر چوهاڻ سان مبينه طور زيادتي جي ڪوشش خلاف متاثر خاندان ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو، احتجاج ۾ شامل متاثر ٽينگري جي والد بهادر علي چوهاڻ، سندس ماءُ واقعي بابت ٻڌايو ته اسان جي ٽينگري پنهنجي ڳوٺ ۾ گهر آڏو پيئڻ جو پاڻي ڀري رهي هئي ته ٽن وحشي صفت نوجوانن رمضان عرف رمضو چوهاڻ، خان چوهاڻ ، بجو چوهاڻ اسان جي نياڻي سان زيادتي جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن جي ڪري ڪين فوري طور گرفتار ڪري ايف آءِ آر داخل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي. واقعي بابت ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاه نوري طور نوٽيس ورتو آهي ايس ايچ او بلڙي شاه ڪريم کي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي پر اجان تائين ايف آءِ آر داخل ٿي نه سگهي آهي ، پوليس جو چوڻ آهي ته فريادي ٿائي تي اجان تائين نه پهتا آهن جنهن وقت به ايندا ته سندن فرياد داخل ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 15

رياض شيخ جو ٽائون ڪاميٽي انتظاميه جي ناانصافين خلاف پنهنجا معصوم ٻچڙا ساڻ ڪري تعلقه پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين ملازم شگر ڪنٽرول واري انجيڪشن ۽ ٻيون دوائون صحافين کي ڏيکاريندي صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته وارڊ تائين جو چيف سينيٽري انسپيڪٽر عبدالحفيظ ٻگهيو ۽ اڪائونٽنٽ عطاء الله چنو پاران مون مسڪين مريض ملازم سان ناانصافي ڪندي منهنجي پگهار مان پنجيه هزار روپيه ڪٽوتي ڪئي وئي آهي مان مسڪين ۽ ٻي ٻچ آهيان صبح شام شگر ڪنٽرول جي سرنج لڳائيندو آهيان معصوم ٻچڙا آهن مون کي ڏهه هزار روپيه ڏنا ويا آهن جن مان دوا ۽ کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪيئن ڪريان . لاڳاپيل کاتي جون اعلي اختياريون ۽ ٻيا وس وارا مونسان انصاف ڪن ۽ منهنجي مڪمل پگهار ڏياري وڃي جيئن مان پنهنجي دوا درمل ۽ ٻچڙن جو گذر سفر ڪري سگهان. جيڪڏهن مونسان انصاف نه ڪيو ويو ته مان پنهنجي خاندان سميت خودڪشي ڪري ڇڏيندم جنهن جي زميوار ٽائون انتظاميه واره هوندي.

بقايا سنڌيار 16

گهرت ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن دانهيندي وڌيڪ چيو ته اسان پنهنجي سروي زمين ۾ ويٺل آهيون پر بااثر لاڏاڻ چاهين ٿا هنن چيو ته اسان ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کي لکت ۾ درخواستون ڏنيون پر اسان غريبن سان ڪوبه تدارڪ نه ٿيو ويتر بااثر ماڻهن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اسان جا گس پنڌ بند ڪري ڇڏيا آهن اسان وسوارن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ تحفظ پڻ فراهم ڪري ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 17

پهچي سائس طبيعت معلوم ڪئي ان سلسلي ۾ سنڌ ميمڻ اتحاد جي مرڪزي اڳواڻ سجاد امداد ميمڻ ميڊيا کي ٻڌايو ته ادي شهزانا ميمڻ هڪ بهادر عورت آهي جنهن پنهنجي مڙس جون تڪليفون برداشت ڪيون آءِ وقت بوقتن ادي شهزانا ميمڻ وٽ ويندو رهندو آهيان ۽ سندس علاج توڙي مالي مدد لاءِ وس آهر خدمت ڪئي آهي ۽ انشاءَ الله هاڻي به ڪيس اڪيلو نه ڇڏيو ويندو ياد رهي ته شهزانا ميمڻ کي سندس مڙس ڏهه سال اڳ ڪيس تشدد ڪري جيل پچي اپاهج ڪري ڇڏيو هو هو هن وقت به مختلف بيمارين ۾ ورتل آهي جڏهن ته سجاد امداد ميمڻ پاران ڪيس مڪمل ساٿ ڏيڻ توڙي سندس علاج ڪراچي جي اسپتال مان ڪرائڻ جو وچن پڻ ڪيو ان موقعي تي شرف الدين ميمڻ پڻ گڏ هيو

بقايا سنڌيار 18

تڪرار هلندڙ آهي ٻاٽرن اسان تي ٻڪري چوري جو ڪوڙو الزام هڻندي ڪوجهي ڪتن جي بنا جواز اسان جي اوطاق تي ويهاري ڇڏيو جنهن بعد ڏيئي ٿائي جي ايس ايچ او جي اڳوائي ۾ چار موبائيلن اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪئي عورتن ٻارڙن تي تشدد ڪري گهرن ۾ پيل سامان ڪٽرن ٽائون پچي ڇڏيا گهر جي پيٽين جا تالا توڙي سون ۽ روڪ رقم موبائيل فون سولر پليٽون موٽر سائيڪل پوليس کڻي وئي ۽ اسان جي 12 سالا ٽينگر تنوير لاشاري کي به پوليس زبردستي موبائيل ۾ وجهي ڪيئي گر ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي ڪٿي به ظاهر نه پيو ڪيو وڃي ٽينگر جي گر ٿيڻ سبب اسان سخت پريشان آهيون پوليس اسان کي ڌمڪيون ڏئي پئي ته زمين اسان وڏيرن کي وڪرو ڪري ڏيون نه ته هو ٽينگر کي ماري ڇڏيندا هنن چيو ته پوليس ٻاٽرن جي ونگار وهندي اسان سان وڏو ظلم ڪري رهي آهي هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد کان گهر ڪئي آهي ته معصوم تنوير لاشاري کي بازياب ڪرايو وڃي ۽ هن معاملي جي لڌ ڊي جاچ ڪرائي وڃي

بقايا سنڌيار 19

قائم ٿيڻ سان ٽائون شپ ۽ ان جي پسگردائي ۾ بهتري ايندي. ڳوٺاڻي علائقن جي رهواسين کي مناسب اگهه تي کاڌي پيتي جون سهولتون ميسر ٿينديون. يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن آف پاڪستان پاران سستي ۽ معياري شين جي فراهمي جاري آهي. هن چيو ته اُهر ڊي يوٽيلٽي اسٽور صاف ۽ شفاف طريقي سان عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ حڪومت پاڪستان جي سهڪار سان سکر ضلعي ۾ وڌيڪ يوٽيلٽي اسٽور سپر مارڪيٽون کوليون وينديون ته جيئن سستي شين جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي عوام کي معياري پراڊڪٽس فراهم ڪرڻ لاءِ هن اسٽور ۽ عوام کي معياري شيون مناسب اگهه تي ملن. ماڻهن کي مارڪيٽ مان سستي اگهه تي کاڌي پيتي جون شيون فراهم ڪيون وينديون. هن وڌيڪ ٻڌايو ته دڪانن تي خاص رعايت ڏني پئي وڃي وزيراعظم پاڪستان جي رمضان رليف پيڪيج تحت 7.5 ارب رپين جي سبسڊي ۾ يوٽيلٽي اسٽورن تي 19 شيون. عوام ان سبسڊي مان فائدو حاصل ڪري رهيو آهي. عام صارفين لاءِ کاڌي پيتي جي سوين شين تي وڏي رعايت آهي. جيڪو هن دور ۾ هڪ خوش آئند قدم آهي.

بقايا سنڌيار 20

ٽنڊو محمد خان جي بلڙي شاه ڪريم ، ٽنڊو غلام حيدر ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ ڪو به خريداري جو سينٽر قائم نه ڪيو ويو آهي نه وري آبادگارن کي ڪڻڪ جي خريداري لاءِ باردانو ڏنو ويو آهي . ڪڻڪ جي لاپارن ڪان پوءِ آبادگار ڪڻڪ جي واپارين ذريعي ڪيل وڪري سان سرڪار جي مقرر ڪيل 4 هزار روپيه في مڻ خريداري بجاءِ 3200 ۽ 3500 تائين وڪرو ڪرڻ لاءِ مجبور آهن جنهن بابت آبادگارن نبي بخش سنيو ، محمد خان ، الهڏنو درس ۽ ٻين چوڻ آهي ته ڪڻڪ جي خريداري لاءِ سنڌ سرڪار کي فوري طور سينٽر قائم ڪرڻ گهرجن ۽ باردانو ڏيڻ گهرجي ، جنهن ۾ آبادگارن کي وڪري ڪرڻ ۾ سخت مشڪلات پيش اچي رهي آهي ۽ ڪين مجبوري ڪري گهٽ اگهه ۾ ڪڻڪ وڪرو ڪرڻي پئجي رهي آهي جنهن سان ڪين مالي طور نقصان رسي رهيو آهي.

بقايا سنڌيار 21

پهچي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مان موٽر سائيڪل ٽيڪسي ڪرائي تي هلائيندو آهيان ۽ مان ڪجهه ڏينهن پهريان پنهنجي رشتيدارن جي سواري ڪئي سيلارجا محلا حسين آباد آيس ۽ گهرجي باهران موٽرسائيڪل بيهاري گهر اندر ويو پاڻي پيءَ واپس آيس تا نامعلوم چاپي چور منهنجي موٽرسائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا آهن ڳاڏي جي چوري جي اين سي سيلارجا ٿائي تي داخل ڪرائي آهي پر گزريل ٽن ڏينهن ڪان سيلارجا ٿائي وارا حاضريون ڏين پيا هن وڌيڪ چيو تا مان مسڪين آهيان موٽرسائيڪل ٽيڪسي هلائي ٻچڙن جو پيٽ پاليندو آهيان مان ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو کي اپيل ڪيا ٿو ته مون کي موٽرسائيڪل واپس ڪرائي ڏني وڃي ته جيئن ٻچڙن جو پيٽ پالي سگهان ياد رهي ته ان کان پهريان به سيلارجا شهر مان ڪيترين ئي موٽرسائيڪلون چوريون ٿي ويون آهن پر سيلارجا پوليس اگهور ننڊ ستل آهي جنهن سبب موٽرسائيڪل چوريون ڏينهون ڏينهن وڌي رهيون آهن سيلارجا جي شهرين ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي تا گزريل ڪيترن ئي سالن کان موجود عملي کي ٿائي تا هٽايو وڃي آهيو پراڻن عملو ئي ڏوهن ۾ ملوث آهي ان عملي کي هٽائي ٿائي تي نئون عملو مقرر ڪيو وڃي تا جيئن سيلارجا واسين ۾ ڦهليل بي چئيني ختم ٿي سگهي

بقايا سنڌيار 22

۾ پنهنجي گهر ۾ موجود هيس ته 3 ڏينهن اڳ پوليس انسپيڪٽر بينظير جمالي ۽ سندس ٽيم اسان جي گهر ۾ رات جو بيگاه وقت داخل ٿي مون کي گرفتار ڪري منهنجي ڪاغذن واري 125 موٽرسائيڪل سميت مون کي کڻي دادو پوليس جي هيڊڪوارٽر ۾ قائم ٿيل ٽارچر سيل ۾ بند ڪيو ۽ مون کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ بعد 20 هزار روپين جي مبينا رشوت عيوض سپاهي راشد جمالي جي معرفت مون کي ان ناحق قيد مان آزاد ڪيو ويو ۽ منهنجي 125 موٽرسائيڪل ۽ ٽيڪنو ڪمپني جي موبائيل فون واپس نه ڪئي وئي پوليس انسپيڪٽر بينظير جمالي منهنجي موٽرسائيڪل ۽ موبائيل فون رکوري چاٿائي گر ڪري ڇڏي آهي مون پوليس سان رابطو ڪيو ته مون کان کسيل شيون واپس ڪيو ۾ پوليس مون مسڪين پورهيت جي هڪ به نه ٻڌي مان آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيان ٿو ته مون سان ٿيل ناانصافي جو نوٽيس وٺي ازالو ڪيو وڃي ۽ ٻي صورت ۾ مان عدالت جو دروازو کڙڪائيندس.

بقايا سنڌيار 23

حسن جو رهواسي پورهيت پيرل گاڏهي ڪان ڪي اين شاه ٻاءِ پاس جي ڪجه مفاصلي تي نامعلوم ڦورو هٿيارن جي زور تي چانڊ موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ڳوٺ لونگ ڪوسو جو رهواسي دلبر ڪوسو ڪان ڳوٺ ڍبي پرسان ڳوٺ الله اوبايو سوڍر جي موڙ وٽ نامعلوم هٿياربندن رڪشا چنگچي 2024 ماڊل ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. ڪي اين شاه ۾ امن جو پکي اڏامي ويو روز چوريون ڦورون معمول بڻيل. مولوي عبدالعزيز کوهاري جي موٽرسائيڪل گهر جي در تان چابي چور آسانيءَ سان چوري ڪري ويا پوليس گهري ننڊ ۾ ستل ٻئي طرف خيرپورناٿن شاه پرسان ڳوٺ لولجا انڊس هاءِ وي وٽ نامعلوم ڦورو هٿيارن جي زور تي روينيو کاتي جي ملازم امين لغاري کان موٽرسائيڪل، ڪيش رقم، موبائل فون سوني جي چين ۽ سوني منڊي ڦرڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. جڏهن ته متاثر پاران ٿائي تي اين سي داخل ڪرائي وئي آهي پر پوليس پاران هن وقت تائين ڪابه ڪاروائي عمل ۾ نه آئي سگهي ايس ايچ او سعيد چنا جي خيرپورناٿن شاه ٿائي مان بدلي ٿيڻ بعد جيئن ئي خيرپورناٿن شاه ٿائي تي ايس ايچ او افتخار جمالي مقرر ٿيو ته ڏوهاري برن مان ٻاهر نڪري پيا. شهر ۾ موٽر سائيڪلن جي چورين جو آزار ۽ چورين روز مره جو معمول بڻجي ويون آهن ۽ ايس ايچ او شهر ۾ صرف ڪٽي ڪٽي سول ڊريس ۾ ٿي ڏسڻ ۾ ايندو آهي جڏهن ته سرڪاري ملازم نه پر عام شخصين جهڙوڪ لڳي رهيو آهي. هڪ طرف ڪي اين شاهه جو عوام بوڙ جو ستايل آهي ٻي طرف بدامني جي ورچڙهندو پيو وڃي . آخر خيرپورناٿن شاه جي عوام سان ڪڏهن انصاف ٿيندو ۽ ڪڏهن امن بحال ٿي سگهندو ۽ خيرپورناٿن شاه جو عوام آخر ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو هر ظلم هتان جي عوام سان ظلم ڪيو پيو وڃي. خيرپورناٿن شاه جو عوام آئي جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان پرزور مطالبو ڪندي چيو ته مقرر ٿيل ايس ايچ او افتخار جمالي کي فوري طور هٽائي خيرپورناٿن شاه ٿائي تي ايس ايچ او اڪبر چنا کي ٻيهر مقرر ڪري شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي جيئن هتان جو عوام سڪون سان زندگي گذاري سگهي

بقايا سنڌيار 24

رمضان المبارڪ جي پلاري مهيني ۾ عام واهپي شين جي اگهن ۾ اضافي بابت شهرين جي شڪايتن تي اي ڊي سي سميع الله وگڻ صاحب ، مارڪيٽ ڪميٽي چيئرمين اعجاز علي سومرو نوٽيس وٺندي اسٽاف سان گڏجي شهر جي مختلف هنڌن جا دورا ڪيا. شهر جي اهم علائقن شاهي بازار، مير حسن چوڪ، مڇي مارڪيٽ ۽ ٻين هنڌن تي گوشت مرغي ڪرياني ۽ سبزي جي دڪانن تي بغير ريٽ لسٽ جي هئرادو اگهن ۾ اضافو ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪندي مٿن ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا. ان موقعي تي اي ڊي سي سميع الله وگڻ صاحب ۽ مارڪيٽ ڪميٽي چيئرمين اعجاز علي سومرو ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته پلاري مهيني ۾ به هئرادو اگهن بابت شهرين جي شڪايتن ۽ ڊي سي دادو فياض حسين راهوجو جي هدايتن تي شهر جو دورو ڪري وڌيڪ اگهه وٺندڙ دڪاندارن مٿان ڏنڊ هنيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته دڪاندارن کي آئنده لاءِ وارننگ ڏني آهي ته سرڪاري ريٽ لسٽ موجب پابند رهندا، ٻي صورت ۾ سندن خلاف ڪاروائي جاري رکي ويندي.

بقايا سنڌيار 25

رهيا آهن ۽ مختلف ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي رهيا آهن هن چيو ته اڄ دادو ڪورٽ ۾ اسان ٻنهين پاٽرن جي حاضري هئي خدا آباد پوليس ۽ اسان جي مخالف ڌر کان رشوت وٺي اسان جي ڀاءُ کي ڪورٽ ڪان باهر نڪرندي ئي کنيي ڪئي وئي ۽ ڪنهن نا معلوم هنڌ تي رکي ڇڏيو آهي اسان کي خدشو آهي ته اسان جي ڀاءُ کي مخالفن جي چوڻ تي پوليس پاران هاف فراءِ ڪيو ويندو اسان آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ٿا ڪريون ته فوري طور اسان جي ڀاءُ کي ظاهر ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 26

کي قتل ڪيو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون شاهو ڪوٽ پوليس تفصيل موجب خانپور تعلقي جي ڪوٽ شاهو ٿائي جي حد ڳوٺ مراد علي بداڻي جتوئي ۾ جوابدار مڙس شاهنواز بداڻي پنهنجي زال مسمات سازين کي گهرو اٿيت تان پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪري فرار ٿي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مارجي ويل عورت جو لاش تحويل ۾ وٺي ضروري ڪاروائي لاءِ خانپور اسپتال منتقل ڪيو جتي ليڊي ڊاڪٽر نه هجڻ ڪري مارجي ويل عورت جو لاش بوزر رڪشا تي شڪارپور اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته علائقي ۾ جوابدار مڙس شاهنواز پنهنجي زال سازين کي ڪارڻهن الزام هيٺ قتل ڪرڻ جا چوپول پڻ هلندڙ آهن ان سلسلي ۾ شاهو ڪوٽ پوليس جو چوڻ هو ته گهرو اٿيت تان جوابدار مڙس پنهنجي زال کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪري فرار ٿي ويو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون ۽ جلد جوابدار کي گرفتار ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 27

هاشمي سجاده نشين درگاهه کهڙا شريف جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن کي صدارتي خطاب ڪندي مخدوم نذير احمد هاشمي چيو ته عقيدت تحفظ ختم نبوت اسان جي ايمان جو حصو آهي ۽ قادياني عقيده ختم نبوت جا منڪر آهن هن چيو ته پاڪستان ڪلمي جي بنياد تي ٺهيو مگر ملڪ ۽ عوام جي بدقسمتي آهي جو ملڪ اندر نظام مصطفيٰ جو قانون نافذ ناهي. ملڪ جو واحد حل نظام مصطفيٰ آهي ۽ ملڪ جي بقا هن سان آهي. جنهن ڪري ڳڏيل اتحاد جي ضرورت آهي هن حڪومت پاڪستان کان مطالبو ڪيو ته سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي هٽايو وڃي. جيڪو ختم نبوت جي خلاف قادياني جي مدد ڪري ٿو فلسطين جي عوام لاءِ عملي قدم کڻي ۽ سمٽ ڪانفرنس گهرائي وڃي فلسطين ڏانهن امدادي سامان موڪليو وڃي. سفارتي تعلقاتن کي استعمال ڪندي فلسطين اندر امن قائم ڪرايو وڃي. هن سنڌ جي عظيم روحاني ۽ علمي خانقاه ڀيهڙ شريف ۾ ڪوٺايل اجلاس ڪيبوڊيڪ خطاب ڪندي چيو ته فلسطين اندر ظلم ۽ بربريت جاري آهي. مگر پاڪستان حڪومت خاموش آهي معصوم ٻارڙن جو پڻ قتل ڪيو پيو وڃي اسان جو معاشرو پستي ۾ وڃي رهيو آهي. قاديانين جي پٺيان يهودي لابي آهي دنيا جا فيصلا يهودي ڪن ٿا. ٿنڪ ٽينڪ مافيا جي ذريعي مسلمانن جي خلاف ڪم ٿي رهيو آهي فلسطين ۾ اسان جا مسلمان بي ڏوهي قتل ٿي رهيا آهن ۽ سوين ماڻهو جيلن ۾ بند آهن هن چيو ته سنڌ حڪومت اسڪولن اندر راڳي استاد مقرر پئي ڪري. ادبي ۽ علمي سليبس ختم ڪري راڳي بنائڻ وارا فيصلا قبول ناهن جنهن خلاف ڀرپور آواز اٿاريو ويندو تڪميل پاڪستان مشائخ اتحاد جي صوبائي صدر ۽ اجلاس جي ميزبان پير شفيق احمد جان نقشبندي ويهڙائي خطاب ڪندي چيو ته 1973 جي آئين ۾ واضح لکيل آهي ته قادياني عقيده ختم نبوت جا منڪر آهن ته پوءِ ان مسئلي کي بار بار ڇيڙي عالم انسان جي دلين کي چوٽ آزار ڏنو وڃي. هن مطالبو ڪيو ته عقيده ختم نبوت سان هٿ چراند بند ڪئي وڃي هن چيو ته فلسطين جو عوام شهيد ٿي رهيو آهي ظلم جي انتها ٿي رهي آهي اسلام جي نالي سان ٺهندڙ پاڪستان ملڪ فلسطين جي عوام جي مدد نه پيو ڪري، جنهن ڪري مطالبو ڪجي ٿو ته فلسطين جي مجاهدين جي امداد ڪئي وڃي ڊاڪٽر نجم الدين اشرفي خطاب ڪندي چيو ته قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ته اسان اوهان کي سموري جهان لاءِ باعث رحمت ڪري موڪليو آهي. پاڻ ڪريمن فرمايو ته مون کي احمد ڪري موڪليو ويو آهي. هن چيو ته تيزي سان دين ڦهلجندڙ دين اسلام آهي ڪافرن کي هي ڳالهه نه ٿي وڻي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ وي ڊويزن سانگهڙ

No.TC/G-55 152 of 2024 Sanghar Dated: 11/03/2024

مهربند ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. دلچسپي رکندڙ شخصن/ڪانٽريڪٽرز/ڪمپنيز/فرمن معياري واڪ دستاويز (SBDs) تي هيٺ ڄاڻايل ڪمن لاءِ SPP رول 2010 (هيل تائين ترميم ٿيل) مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	ڪٿيل لاڳت	5٪ بد سيڪيورٽي CDR صرف	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
1	ڳوٺ غلام مصطفيٰ چانديو يو سي ساڏٽو ۾ پيور بلاڪ جي تعمير 200 آر ايف ٽي	1.000	50000	3000	24 مهينا
2	نوابشاه سانگهڙ روڊ کان ڳوٺ ملوڪ رند روڊ تائين لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/1+244=0.27 KM	3.840	192000	3000	24 مهينا
3	ٽنڊو آدم بيراڻي روڊ کان ڳوٺ محمد دين ڏوگر روڊ جي ري ڪنڊيشننگ ميل 0/0_0/5=1.00 KM	8.188	409400	3000	24 مهينا
4	منڻ وساڻ کان حاڪم وساڻ تائين لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/3=0.60 KM	83.100	405000	3000	24 مهينا
5	ڪي_2 کان ڳوٺ حسنين قادر جوڻيجو روڊ تائين لنڪ روڊ جي تعمير ميل 1/1_450+6/0.	5.952	297600	3000	24 مهينا
6	ڳوٺ حاجي خان محمد ٿهيم ۽ مولا ڪربلا کان ماڻڪ ٿهيم روڊ تائين لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/3=0.60 KM	7.933	396700	3000	24 مهينا
7	شريف بنگلو گولا پارڪ ويجهو سومر فقير جي مختلف گهٽين جي سي سي پيور بلاڪ i/c ڊرين ورڪ 330 آر ايف ٽي جي تعمير	2.999	150000	3000	24 مهينا
8	ٽنڊو آدم شهدادپور روڊ کان ڳوٺ حبيب الله جٽ روڊ جي ري ڪنڊيشننگ ميل (1 KM) 0/0_0/2+415	7.363	368200	3000	24 مهينا
9	ملڪ زبير چڪ نمبر 57 روڊ جي لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/2	6.289	314500	3000	24 مهينا
10	يونس نگر ٽنڊو آدم وارڊ نمبر 14 جي مختلف گهٽين جي سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	0.989	49500	3000	24 مهينا
11	مير حسن مري تعلقو ٽنڊو آدم جي ڊرينج اسڪيم جي لاءِ گهٽين جي سرفيس ڊرينس ۽ سي سي پيور جي تعمير، 770 آر ايف ٽي	4.985	249300	3000	24 مهينا
12	ڳوٺ رئيس سڪندر مري روڊ سي سي پيور بلاڪ جي تعمير ميل 0/0_0/1+330=0.30 KM	6.093	304700	3000	24 مهينا
13	ڳوٺ باقر خان نظاماڻي جي مختلف گهٽين جي سي سي پيور بلاڪ سرفيس جي تعمير 500 آر ايف ٽي	2.972	148600	3000	24 مهينا
14	25 اي جامڙو روڊ جي ري ڪنڊيشننگ ميل 0/0+264_0/2+330=0.22 KM	2.155	107800	3000	24 مهينا
15	نوابشاه سانگهڙ روڊ بگٽي اسٽاپ کان ڳوٺ مير محمد ٽالپر روڊ جي ري ڪنڊيشننگ ميل 0/1_0/2+610=0.38 KM	6.030	301500	3000	24 مهينا
16	ڳوٺ گدڻ 535 آر ايف ٽي جي مختلف گهٽين جي سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	3.000	150000	3000	24 مهينا
17	ڳوٺ ابپور 540 آر ايف ٽي جي مختلف گهٽين جي سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	3.000	150000	3000	24 مهينا
18	ڳوٺ محمد شريف مري 184 آر ايف ٽي جي مختلف گهٽين جي سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	1.000	50000	3000	24 مهينا
19	ٽنڊو آدم لانڊي روڊ کان ڳوٺ سومار چاڪراڻي روڊ جي ڊبليو/ آر ميل 0/0_0/5+110=1.03 KM	10.667	533400	3000	24 مهينا
20	ديهه 30 جمڙائو 535 آر ايف ٽي جي مختلف گهٽين جي سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	3.000	150000	3000	24 مهينا
21	نوابشاه سانگهڙ روڊ کان ڳوٺ نهال خان بگٽي روڊ 570 آر ايف ٽي جي سرن جي فرشبندي	3.200	160000	3000	24 مهينا
22	ڳوٺ گندڻ کان مين شهدادپور سانگهڙ روڊ 570 آر ايف ٽي تائين پيور بلاڪ	3.200	160000	3000	24 مهينا
23	ارشد پريمي روڊ کان ڳوٺ چوڌري بشير احمد تعلقه سنجهورو روڊ تائين لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/0+430	1.710	85500	3000	24 مهينا
24	ڊپٽي وٽ روڊ کان ڳوٺ سوڀو خان لنڊ تائين لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0+330_0/3+330=0.40 KM	6.020	301000	3000	24 مهينا
25	ڳوٺ مدد علي رند 600 آر ايف ٽي جي مختلف گهٽين ۾ سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	3.000	150000	3000	24 مهينا
26	ادريسيا اسڪول چڪ نمبر_36 ورڪ شاپ 250 آر ايف ٽي ۾ سي سي پيور بلاڪ جي فڪسنگ ۽ فراهمي	1.600	80000	3000	24 مهينا
27	ڳوٺ مهر چانديو سي ساڏٽو 200 آر ايف ٽي ۾ سي سي پيور بلاڪ جي فڪسنگ ۽ فراهمي	1.300	65000	3000	24 مهينا
28	ديهه لوهاڙيو تعلقه سانگهڙ 200 آر ايف ٽي جي مختلف گهٽين ۾ پيور بلاڪ جي تعمير	1.000	50000	3000	24 مهينا
29	شهدادپور بيراڻي روڊ کان ڳوٺ پليو ٿهيم روڊ تائين روڊ جي ري ڪنڊيشننگ ميل 0.0/0/6=1.20 KM	10.493	524700	3000	24 مهينا
30	ڳوٺ راڄو ميگهواڙ يو سي سيٺار پير 153 آر ايف ٽي جي پيور بلاڪ جي تعمير	1.000	50000	3000	24 مهينا
31	ڳوٺ عبدال خالق رند يو سي ڏڙو بازار تائين سي سي پيور بلاڪ جي فڪسنگ ۽ فراهمي	1.700	85000	3000	24 مهينا
32	ڳوٺ محمد چانديو يو سي سيٺار پير 300 آر ايف ٽي جي سي سي پيور بلاڪ جي فڪسنگ ۽ فراهمي	1.700	85000	3000	24 مهينا
33	يو سي بهرام بري تعلقه سانگهڙ 390 آر ايف ٽي جي مختلف گهٽين جي پيور بلاڪ، سرفيس ڊرين ۽ ڪلورٽس جي تعمير	3.000	150000	3000	24 مهينا
34	ڳوٺ جمعه خان بگٽي يو سي ساڏٽو جي پل جي تعمير	1.000	50000	3000	24 مهينا
35	ڪوهڙي شاخ بهرام بڙي جي شاخ پل جي تعمير	2.490	124500	3000	24 مهينا
36	ڳوٺ پير بخش شر (11_22) جي پل جي تعمير	2.490	124500	3000	24 مهينا
37	ڪوڙي شاخ ڳوٺ محمد صالح خاصخيلي جي شاخ پل جي تعمير	2.500	125000	3000	24 مهينا
38	چڪ نمبر 31_32_24_25 کان ڳوٺ نائڙ شاهه ولي ايليمينٽري وايا چڪ نمبر 31 قبرستان کان سول افتخار روڊ جي لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/4	13.859	693000	3000	24 مهينا
39	ڳوٺ عبداللطيف (لانڊي) تعلقه ۽ ڊسٽرڪٽ سانگهڙ جي لنڪ روڊ جي تعمير 0/0_0/0+396	1.707	85400	3000	24 مهينا
40	سانگهڙ هيڊ جمڙائو عثمان ٻهڻ روڊ کان ڳوٺ اعجاز حسين زرداري روڊ جي لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/2	6.418	320900	3000	24 مهينا
41	لال دين وڙائچ روڊ کان ڳوٺ رياض چڪ نمبر 68 تعلقو سانگهڙ جي لنڪ روڊ جي تعمير	4.313	215700	3000	24 مهينا
42	جام شير بگٽي يو سي ساڏٽو جي لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/0+429	2.174	108700	3000	24 مهينا
43	ڳوٺ عارف سولنگي يو سي سيٺار پير جي لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/0+429	2.181	109100	3000	24 مهينا
44	سانگهڙ هيڊ جمڙائو عثمان ٻهڻ روڊ کان ڳوٺ پناه خان شر وايا لال ڏنو شر روڊ جي لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/2+330	8.779	439000	3000	24 مهينا
45	وارڊ نمبر 4،6،8 ۽ 9 جي تعلقه ٽنڊو آدم 2760 آر ايف ٽي جي گهٽين ۾ سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	15.956	797800	3000	24 مهينا
46	ڳوٺ رب نواز کوهي يو سي ٻوبي جي روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/2+106	6.501	325100	3000	24 مهينا
47	ڳوٺ مٺل ڪاٺيار روڊ جي لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/0+615	2.592	129600	3000	24 مهينا
48	ڳوٺ ولي محمد ڪنڌاڻي روڊ جي لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0+0/0+330	1.271	63600	3000	24 مهينا
49	ڳوٺ سائينداد مڪراڻي روڊ جي لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/0+610	2.587	129400	3000	24 مهينا
50	ڳوٺ محمد جمن زرداري روڊ جي لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/0+610	2.590	129500	3000	24 مهينا
51	ڳوٺ ڦوٽو گجو روڊ جي لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/0+610	2.592	129600	3000	24 مهينا
52	ڳوٺ غلام نبي دائم خان زرداري 535 آر ايف ٽي جي مختلف گهٽين ۾ سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	3.000	150000	3000	24 مهينا
53	نئون آباد قبرستان کان سيد سنڙو شاه لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/1+80	3.435	171800	3000	24 مهينا
54	فوجي واٽر کان ڊنگ روڊ ڳوٺ عابد حسين بجاراڻي ۽ عبدالحڪيم ڪتوهر جي لنڪ روڊ جي تعمير ميل 0/0_0/1+80	3.435	171800	3000	24 مهينا
55	ڪريم بخش ڏاهري محلا 618 آر ايف ٽي جي مختلف گهٽين ۾ سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	2.499	125000	3000	24 مهينا
56	اير سي وارڊ نمبر 13 (لقمان راجپوت) 790 آر ايف ٽي ۾ سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	3.239	162000	3000	24 مهينا
57	جتيا ٽائون شهدادپور روڊ جي مختلف گهٽين ۾ سي سي پيور بلاڪ ۽ سرفيس ڊرين جي تعمير ميل 0/0_0/3=0.60 KM	11.998	599900	3000	24 مهينا
58	ڳوٺ دين محمد ڪوسو 742 آر ايف ٽي جي مختلف گهٽين ۾ سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	2.999	150000	3000	24 مهينا
59	ڳوٺ سليمان ڏاهري 741 آر ايف ٽي جي مختلف گهٽين ۾ سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	2.999	150000	3000	24 مهينا
60	شهدادپور سٽي جي مختلف گهٽين ۾ سي سي پيور بلاڪ جي تعمير ميل 0/0_0/1+420	4.999	250000	3000	24 مهينا

ٽينڊر جي اجراء/وصولي ۽ کولڻ جو پروگرام

سيريل نمبر	تفصيل	پهرين ڪوشش	ٻين ڪوشش
1	درخواستن جي رسيد ۽ ٽينڊرز جي جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ هن اين آءِ ٽي جي اخبارن ۾ ڇپجڻ کان صبح 10:30 وڳي تائين	03.04.2024	18.04.2024
2	ٽينڊرز صبح جو 11:00 وڳي تائين واپس ورتا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن منجهند جو 12:00 وڳي کوليا ويندا.	03.04.2024	18.04.2024

2. واڪ دستاويز جو مڪمل سيٽ هڪ دلچسپي رکندڙ اهل بولي ڏيندڙ طرفان خريد ڪري سگهجي ٿو هڪ لکت واري درخواست هيٺ ڏنل آفيس ۾ جمع ڪرائڻ تي ۽ هر ڪم جي لاءِ بيان ڪيل بولي جي قيمت / ٽينڊر فيس جي ادائگي تي NIT جي اشاعت جي تاريخ کان هڪ ڏينهن اڳ تائين. افتتاح جي تاريخ.

3. سڀني بڊزسان گڏ هجڻ ضروري آهي بد سيڪيورٽي / سوئي رقم هر ڪم جي خلاف بيان ڪيل رقم ۾ ڪال ڊيپازٽ جي صورت ۾ ڪنهن به شيڊول بينڪ مان ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ ويز ڊويزن سانگهڙ جي نالي تي مقرر ڪيل.

4. موڪلن جي صورت ۾ يا هيڊ ڪوارٽر کان اندر سائن آئوٽ ٿيڻ جي صورت ۾ . جمع ڪرائڻ ۽ ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي هوندو ۽ بوليون جمع ڪرائڻ لاءِ آخري حد تائين عزت جي اندر کوليون وينديون.

5. اهليت/ قابليت :_

- i) "پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل" سان صحيح رجسٽريشن (جون_2024 تائين) مناسب درجي ۾.
- ii) انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽريشن NTN (سرٽيفڪيٽ) وفاقي بورڊ آف روينيو سان فعال حيثيت سان.
- iii) سنڌ روينيو بورڊ جو رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ، حڪومت سنڌ STN (سرٽيفڪيٽ).
- iv) گذريل ٽن (03) سالن جي ساليانو انڪم ٽيڪس موٽڻ.
- v) ساڳئي تفويض جي لسٽ ڏيکاريندي خرچ هيٺ ڏنل 03 سالن کان وٺي.
- vi) سامان جي مشينري ۽ ٽرانسپورٽ جا تفصيل مالڪ / ليز تي / فرم / ٺيڪيدار طرفان ڪرائي تي.
- vii) انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جو بايو ڊيٽا فرم سان ڪم ڪري رهيو آهي.

6. مشروط ۽ ٽيليگرافڪ ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.

7. 4.000 مليَن کان گهٽ لاڳت واري ڪم جي صورت ۾ سيڪشن نمبر 5 (i) جون شرطون لاڳو نه ٿينديون.

8. خريداري جو طريقو (سنگل اسٽيج ون لفافو)

جمع ڪرائڻ، پڇا ڳاڇا ۽ افتتاح ڪرڻ جي جاءِ هيٺ ڏنل جڳهه تي ٿيندي ۽ رابطو ڪريو :
ايڊريس: آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ ويز ڊويزن (ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ) اولڊ بوائز هاسٽل بلڊنگ نوابشاه روڊ سانگهڙ
فون نمبر: 0235_542943، فيڪس: 0235_542943
اي ميل: xenhighwaysdivisionsanghar@gmail.com

9. شرط ۽ ضابطا

اي. هيٺ ڏنل شرطن جي تحت درخواست رد ڪئي ويندي.
- i) ڪابه مشروط اليڪٽرانڪ ۽ ٽيليگرافڪ بدس/ ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
- ii) گهربل رقم ۽ فارم جي بيڊ سيڪيورٽي سان گڏ نه آهن.
- iii) مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ حاصل ڪيل بوليون.

بي. بولي جي صحيح مدت 90 ڏينهن

سي. پروڪيورمينٽ اٿارٽي SPPRA رولز 2010 (تاريخ تائين تبديل ٿيل) جي مطابق ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرز/بولين کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هاءِ وي ڊويزن سانگهڙ

پڙهندي سنڌ تہ.... وڌندي سنڌ

INF/KRY#696/2024

آئل اینڈ گیس ریگولیٹری اتھارٹی
حکومت پاکستان

Oil & Gas Regulatory Authority
Government of Pakistan

نوٹس برائے عوامی سماعت

ماچیکی سے تھلیاں تک مجوزہ وائٹ آئل پائپ لائن کے عارضی ٹیرف کے تعین کے لیے فرنٹیئر آئل کمپنی-1 (FOC) کی جانب سے دائر درخواست

فرنٹیئر آئل کمپنی-1 (FOC) (درخواست گزار) نے مورخہ 01 جنوری 2019 کو اتھارٹی کے روبرو آئل اینڈ گیس ریگولیٹری اتھارٹی آرڈیننس، 2002 کے سیکشن (1) 7 کے تحت برائے مالی سال 56-2027 کے لیے اپنے مجوزہ عارضی ٹیرف کے تعین کے لیے ایک درخواست دائر کی جس پر بعد ازاں 04 دسمبر 2023 کو ترمیم کی گئی۔ وائٹ آئل پائپ لائن کا مطلوبہ راستہ سیکشن-I کے لیے ماچیکے سے تھلیاں تک ہے جو 248 کلومیٹر ("20 قطر) پائپ لائن ہوگی۔ فوری کیس میں درخواست گزار نے اس مدت کے لئے تھرو پٹ حجم MMTPA 3.20 سے MMTPA8.30 پر پیش کیا ہے۔

آپریشنل لاگت کے علاوہ تخمینی پراجیکٹ لاگت کو علیحدہ علیحدہ مندرجہ ذیل جدول میں بیان کیا گیا ہے:

تفصیلات	(روپے ملین میں)
کل EPC لاگت	56,030
RoW اور لائن فل چارجز	2,672
پیداواری لاگت	2,137
فنانسنگ کی مالیت	14,638
کل پروجیکٹ کی لاگت	75,477

اہم مسائل درج ذیل ہیں:

- i) کیا آپریٹنگ اخراجات کے لیے پیش کردہ CPI کا 15% فرق جائز ہے؟
- ii) کیا پراجیکٹ کے لیے 38.04% پر متوقع WACC/RoI معقول ہے؟
- iii) کیا تخمینہ شدہ رائٹ آف وے (RoW) کی لاگت یعنی 2,672 ملین روپے معقول ہے؟
- iv) کیا "20 قطر کی پائپ لائن منصوبے کی زندگی کے دوران مجوزہ تھرو پٹ حجم کو سنبھالنے کے قابل ہے؟
- v) کیا FOC-1 کے ذریعہ پیش کردہ تھرو پٹ والیوم منصفانہ اور جائز ہیں؟

آئل اینڈ گیس ریگولیٹری اتھارٹی تمام دلچسپی رکھنے والے/ متاثرہ افراد/فریقین اور عوام الناس کو اپنے تبصرے، تجاویز اور مداخلت کی درخواستیں پیش کرنے کے لیے مدعو کرتی ہے۔ اس سلسلے میں تمام خط و کتابت رجسٹرار، اوگرا کے ذریعے سے کی جاسکتی ہیں نیز اس میں درخواست دہندگان کے نام اور پتہ درج ہونا چاہئیں۔

تمام مداخلت کاروں کو اس بات کی نشاندہی کرنا لازمی ہوگی کہ اس معاملے میں عارضی ٹیرف کے تعین سے وہ کس انداز میں متاثر ہو سکتے ہیں۔ مداخلت کی درخواست کے ہمراہ مداخلت کی فیس مبلغ -/500 (اوگرا کے حق میں ڈیمانڈ ڈرافٹ) اور اگر کسی ادارے کی نمائندگی کر رہے ہوں تو اتھارٹی لیٹر بمعہ ایک حلف نامہ منسلک ہونا چاہیئے جس میں مداخلت کے مندرجات کی تصدیق درج ہو۔

درخواست گزار سے متعلق کسی بھی ضروری معلومات کے لیے، براہ کرم رابطہ کریں:

عاطف مشتاق صاحب
لیفٹیننٹ کرنل (ریٹائرڈ)
ڈائریکٹر FOC1، فرنٹیئر آئل کمپنی 1 (FOC-1)
ہیڈ کوارٹر ایف ڈبلیو او، 509، کشمیر روڈ، آر اے بازار، راولپنڈی
فون نمبر: 92-51-5174324، فیکس: 92-51-5174132

اوگرا نے بعنوان مذکورہ کیس کے سلسلے میں درج ذیل تاریخ، وقت اور مقام کے مطابق عوامی سماعت منعقد کرنے کا فیصلہ کیا ہے:

بتاریخ : 25 مارچ 2024 (بروز پیر)
بوقت : دوپہر 12:00 بجے
بمقام : SNGPL، ہیڈ آفس، 21 کشمیر روڈ، لاہور

اور

بتاریخ : 27 مارچ 2024 (بروز بدھ)
بوقت : دوپہر 01:30 بجے
بمقام : سرحد چیمبر آف کامرس اینڈ انڈسٹری، چیمبر ہاؤس، جی ٹی روڈ پشاور۔

کارروائی کے تمام فریقین، اسٹیک ہولڈرز، عام عوام اور دلچسپی رکھنے والے/ متاثرہ افراد کو مندرجہ بالا کارروائی سے آگاہ کیا جاتا ہے۔ دلچسپی رکھنے والی جماعتیں زوم ایپلیکیشن کے ذریعے بھی سماعت کی کارروائی میں شرکت کے لیے درج ذیل ای میل کے ذریعے سینئر رجسٹرار کے دفتر سے رجوع کرسکتی ہیں۔

سینئر رجسٹرار،
آئل اینڈ گیس ریگولیٹری اتھارٹی (اوگرا)، پلاٹ نمبر 37،39،
سروس روڈ ساؤتھ، ماؤ ایریا، سیکٹر G-10/4، اسلام آباد۔
فون: 051-9108889, 051-9108890-98 (ایکسٹینشن-123)
فیکس: 051-9108810، ویب سائٹ: www.ogra.org.pk

PID(I)5476/23

پیغام برائے عوامی آگاہی:
گیس لیکیج جان لیوا حادثات کا سبب بن سکتی ہے احتیاطی تدابیر یقینی بنائیں اور حادثات سے بچیں